مطبوعه ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

مقالو نمبر - ٨

# سُر ساموندي جو مطالعو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٤هه / ١٩٧٤ع

مڪالمو نمبر -٨

# سر سامونڊي جو مطالعو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ٻه سؤ ايڪيهين ٻارهي
(١٩٧٣ع) جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪارروائي

مرتب
**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ
١٩٧٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون      صفر ١٣٩٤هه / مارچ ١٩٧٤ع      هڪ هزار ڪاپيون

قيمت

ملڻ جو هنڌ:
الهه بخش. ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
شاهه عبداللطيف 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي'
سنڌ يونيورسٽي (پراڻي عمارت)
حيدرآباد سنڌ
يا
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه، ضلعو حيدرآباد.

پاران: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال يونگا گهٽي، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ الهه بخش. ايم. نظاماڻي اعزازي سيڪريٽري ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڇپائي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com      books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

حضرت شاه عبداللطيف رحه جي مستند سوانح ۽ شاه جي رسالي جي جامع ۽ معياري متن مرتب ڪرڻ لاءِ سنه ١٩٦٦ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾، ”شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي مدنظر ڪاميٽي پنهنجي گڏجاڻي مورخ ٣٠ سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ حضرت شاهه صاحب جي سوانح توڙي رسالي جي مختلف بنيادي ماخذن کي شايع ڪرڻ جي رٿا منظور ڪئي. ان کان پوءِ حضرت شاهه صاحب جي شاعرانه عظمت ۽ رسالي جي تفصيلي مطالعي خاطر اهو پڻ طيءِ ڪيو ويو ته هر سالگره جشن جي موقعي تي حضرت شاه صاحب جي فڪر، ٻولي ۽ شاعري جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي سڀني سُرن مان هرهڪ تي عالمانه بحث مباحثي خاطر ’مڪالمو‘ منعقد ڪيو وڃي، ۽ ان جي ڪارگذاري شايع ڪئي وڃي. هن پوئين تجويز مطابق سنه ١٩٦٦ع کان وٺي اهڙن مڪالمن جو سلسلو شروع ٿيو، ۽ هن وقت تائين هيٺين آنن موضوعن تي مڪالما منعقد ڪيا ويا آهن، جن مان هرهڪ ۾ پيش ٿيل مواد ۽ مباحثي بابت ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن:

١. شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار — ١٩٦٧ع
٢. شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار — ١٩٦٨ع
٣. شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار — ١٩٦٩ع
٤. سر ڪلياڻ جو مطالعو — ١٩٧٠ع
٥. سر جمن جو مطالعو — ١٩٧١ع
٦. سر کنڀات جو مطالعو — ١٩٧٢ع
٧. سر سريراڳ جو مطالعو — ١٩٧٣ع
٨. سر سامونڊي جو مطالعو — ١٩٧٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهانڪر رسالي جي 'سُرن' تي مڪالما شروع ٿيا، تڏهانڪر اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪارگذاري تي مشتمل ڪتابن ۾ انهن سُرن جو متن پڻ شايع ڪيو وڃي، جيئن پڙهندڙن کي حوالن ڏنل بيتن کي ڏسڻ ۾ آساني ٿئي. جيئن ته 'رسالي بابت تحقيق واري جامع رٿا' موجب، رسالي جي معياري متن کي شايع ڪرڻ ڏانهن پڻ قدم وڌائڻو آهي، انهي ڪري بنده راقم سوچيو ته هن سال کان وٺي، تجربي طور، هر سر جو متن مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي پيٽي قائم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد خاطر، هن اشاعت ۾ 'سر سامونڊي' جي متن کي جملي دستياب قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي پيٽي قائم ڪيو آهي، جيڪو رسالي جي معياري متن مرتب ڪرڻ واري مقصد ڏانهن هڪ اهم قدم آهي.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
١- مارچ ١٩٧٤ع

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | پيش لفظ | محترم الهه بخش. ايم. نظاماڻي اعزازي سيڪريٽري | ٣ |
| | مرحبائي ڏنرڊر | محترم الهه بخش. ايم. نظاماڻي | ٥ |
| ١. | سر ساموندي جي موسيقي | جناب سيد منظور نقوي | ٩ |
| ٢. | سر ساموندي جو تاريخي ۽ سماجي پس منظر | جناب ڪريم بخش چنه | ١٤ |
| ٣. | سر ساموندي جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر | جناب غلام رسول بلوچ | ١٩ |
| ٤. | سر ساموندي جو تاريخي پس منظر | جناب ممتاز مرزا | ٢٤ |
| ٥. | سر ساموندي جو فلسفو | جناب ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٣٤ |
| ٦. | سر ساموندي جو روحاني راز | جناب ميرمحمد پيرو | ٣٩ |
| ٧. | سر ساموندي ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون | جناب معمور يوسفاڻي | ٤٦ |
| ٨. | سر ساموندي ۾ لغت | جناب نجف علي شاه 'ڪمتر' نقوي | ٦٦ |
| ٩. | سر ساموندي جي بيتن جو سٽائو نثر | جناب نجم عباسي | ٧٤ |
| ١٠. | سر ساموندي جو متن | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٨٦ |

—

| | | | |
|---|---|---|---|
| I. | The Immortal Beauty of Latif's Sea Poetry | Prof. M. Ikram Ansari | 5 |
| II. | The Philosophy of Sur Samoondi | Mrs. Amena Khamisani | 26 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح بابت جامع تحقيقي رٿا

## (منظور ڪيل ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع)

### (الف) رسالي جو سرن وار تحقيقي مطالعو

| | اشاعت جو سال |
|---|---|
| ١. شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار | ١٩٦٧ع |
| ٢. شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار | ١٩٦٨ع |
| ٣. شاه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار | ١٩٦٩ع |
| ٤. سر ڪلياڻ جو مطالعو | ١٩٧٠ع |
| ٥. سر جمن جو مطالعو | ١٩٧١ع |
| ٦. سر ڪنڀات جو مطالعو | ١٩٧٢ع |
| ٧. سر سريراڳ جو مطالعو | ١٩٧٣ع |
| ٨. سر سامونڊي جو مطالعو | ١٩٧٤ع |

### (ب) رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي مأخذن ۽ ڪتابن جي اشاعت

١. لطائف لطيفي (فارسي): مير عبدالحسين خان ”سانگي“ ١٩٦٧ع

٢. شاه جو رسالو (برٽش ميوزيم وارو نسخو)
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٦٩ع

٣. احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي، تاليف: ميرزا قليچ بيگ ١٩٧٢ع

٤. شاه جي رسالي جا سرچشما
تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٧٢ع

٥. شاه جو رسالو (سنه ١٢٦٩ھ ۽ ١٢٧٠ھ ۾ لکيل ٽن قلمي رسالن کي ڀيٽي تيار ڪيل) ١٩٧٤ع

٦. شاه جي رسالي جي ترتيب
تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٧٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

’ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ‘ طرفان منعقد ڪيل مڪالمن جي سلسلي جو هيءُ ستون ڪتاب آهي. هن کان اڳ ١. ”شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي قدرون“، ٢. ”شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار“، ٣. ”شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار“، ٤. ”سر ڪلياڻ جو مطالعو“، ٥. ”سر جمن جو مطالعو“، ٦. ”سر کنڀات جو مطالعو“ ۽ ٧. ”سر سريراڳ جو مطالعو“ شايع ٿي چڪا آهن. هن سال انهيءَ سلسلي جو اٺون ڪتاب، ”سر سامونڊي جو مطالعو“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي مقالا گذريل منعقد ڪيل مڪالمي جي موقعي تي پڙهيا ويا هئا.

اشاعت جو هيءُ سلسلو، ’شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي‘ جي انهيءَ پروگرام جي ڪڙي آهي، جنهن هيٺ شاهه صاحب جي ڪلام ۽ سوانح تي معياري ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. هن وقت تائين – ’حيات و شاعري‘ (اردو)، ’لطائف لطيفي‘ (فارسي: تصنيف مير عبدالحسين خان سانگي)، ’شاهه جي رسالي‘ جو برٽش ميوزيم ۾ محفوظ نسخو، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي (تصنيف ميرزا قليچ بيگ) ۽ ’شاهه جي رسالي جا سرچشما‘ – شايع ٿي چڪا آهن.

مڪالمي جي سلسلي ۾، ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جو اهو پروگرام آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جي هر سُر تي جامع مطالعو ڪرائي، هن نوعيت جا ڪتاب شايع ڪرائجن، جيئن شاهه صاحب جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ وارن کي سندن ڪلام ۽ پيغام سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن سلسلي کي ڪامياب بنائڻ ۾ اسان جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو هٿ آهي. سنڌن بي لوث تعاون جي ڪري ئي هيءُ سلسلو جاري آهي ۽ انشاءالله جاري رهندو.

ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جي اها ڪوشش پئي رهي آهي تہ ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ، علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي بہ پوريءَ طرح سان جاري رکجي. انهيءَ ڏس ۾ ڪاميٽيءَ طرفان، 'شاه جي رسالي' جي معياري ڇاپي جي تجويز منظور ٿي چڪي آهي، ۽ ان تي ڪم هلندڙ آهي، ۽ اميد آهي تہ اهو ڪم وقت سر پايۂ تڪميل تي پهچي ويندو.

بحيثيت اعزازي سيڪريٽري، آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان تہ انهن مڙني عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃان، جن پنهنجي پُرخلوص تعاون ۽ قيمتي مقالن سان اسان کي نوازيو آهي. ان ڪان سواء آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي بيحد مصروفيات جي باوجود، هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو آهي.

١- مارچ ١٩٧۴ع

الهہ بخش. ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرحبائي تقرير : ادبي مڪالمو

الهه بخش. ايم. نظاماڻي، اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي.

جناب محترم پروفيسر محمّد اڪرم انصاري صاحب،

آءٌ، شاهه عبداللطيف 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي' طرفان اوهان صاحبن جو دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو اوهان ڪيترين مشغولين هوندي به تڪليف وٺي اچي، شاهه ڀٽائي جي ورسيءَ جي موقعي تي اسان سان شامل ٿي، هن ادبي سيمينار جي صدارت قبول ڪرڻ فرمائي. اوهان جي شخصيت تعارف جي محتاج نه آهي. اوهان هڪ وڏا عالم، اديب آهيو. اوهان جيڪو شاهه جي زندگي، شاعري ۽ فلسفي تي تحقيقي ڪم ڪري رهيا آهيو، اهو واقعي تحسين جوڳو آهي. انهيءَ سان گڏ آءٌ سڀني اديبن، عالمن جو پڻ شڪرگذار آهيان، جن هميشه تڪليف وٺي دور دراز فاصلي تان ڪهي اچي هن ادبي سيمينار ۾ حصو پئي ورتو آهي، ۽ سندن ئي تعاون ڪري هن مڪالمي جو سلسلو ڪاميابي سان جاري آهي. هيءَ هڪ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ثقافتي مرڪز ستن سالن کان وٺي هن ادبي سيمينار جو سلسلو وڏي ڪاميابيءَ سان نڀائيندو اچي ٿو، جنهن ۾ اسان جا اديب ۽ عالم، شاهه جي ڪلام ۽ پيغام جي تحقيق ڪري پنهنجا اعليٰ معياري مقالا پيش ڪن ٿا، جن کي وري ڪتابي صورت ۾ هر سال شايع ڪيو وڃي ٿو.

اڄ جو موضوع هر سال جي پروگرام موجب شاهه جي رسالي جي سرن مان سلسليوار "سر سامونڊي" آهي. موضوع جو دائرو ڪافي وسيع آهي. اميد ته اسان جا اديب ڪنهن به نڪتي

شاهه اڪثر ڪري عورت کي سچي عاشق جي صورت ۾ پيش ڪري، ڪيس ڪيترين ئي تڪليفون، ڏک ڏاکڙا ۽ درد پسايا اٿس. حقيقت ۾ شاهه عورت جو شان هميشه اعليٰ رکيو آهي، ۽ گويا پاڻ کي عورت جي صورت ۾ الله تعاليٰ جو سچو عاشق بنائي، عورت جي وفاداري ۽ محبت جا داستان پيش ڪري، ان کي وفاداري جو هڪ پُتلو بنايو اٿس. هن سر ۾ به شاهه عورت جي صورت ۾ پاڻ کي عاشق بنائي، ان جو ويس ڌاري سارو ڪلام حقيقي رنگ ۾ رچايو آهي، ۽ پاڻ کي زال تصور ڪري روحاني راز ۽ طريقت جي راهه جا اسرار ويهي کوليا آهن. هن سر ۾ شاهه جيڪو زال ذات جي جذبن، اُمنگن، سوز ۽ فراق ۽ اوسيئڙي جو انتظار ۽ عورت جي اندر جي آتڻن جو ذڪر بيان ڪيو آهي، سو هيٺين بيتن مان معلوم ٿيندو:

نه سي تڙ هوڙاڪ، نه وايون وڻجارن جيون
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ چڪئم چاڪ
ماريندون فراق، پاڙيچيون! پرين جا.

—

سامونڊي ساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي ٿي ماري، اُنهن سندي ڳالڙي.

—

وڻجارن ورئي، پري پکيه چوڙيا
اوليون پسي ان جيون، پيئڙم ڳچ ڳري
ويندي ماءُ! مري، ساري سامونڊين کي.

هن سر ۾ شاهه صاحب انسان ذات کي ڪيترين ئي مشڪلاتن هوندي به صبر، تحمل، صالح زندگي، حق پرستي، صداقت، خدا ۾ اعتقاد، سچ جو سودا گر بنائڻ جو درس ڏنو آهي، ۽ وڻجارن کي دنياوي ذميداريءَ سان گڏ پنهنجي ضمير مطابق زندگي گذارڻ جي راهه ڏيکاري اٿس. وڻجارن جي زالن کي پنهنجن

پيارن لاءِ تڙپندو ڏسي ڪين صبر ۽ تحمل جو سبق ڏيئي ٻڌائي ٿو ته خدا ۾ ايمان رکي آسرو نه لاهيو، ته اوهان جون آسون ۽ اميدون پوريون ٿينديون. جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

آءٌ جن آساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي وساري، شال م وڃن اوهري.

—

جنين ڪارڻ مون، تڙ پوچارا پوڄئا
پنهنجم اميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

انهن چند لفظن بعد آخر ۾ وري به آءٌ صدر صاحب ۽ بين معزز اديبن ۽ عالمن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن پلائي جا پير پري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي هن ادبي محفل ۾ شريڪ ٿي اسان جي همت افزائي ڪئي آهي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب سيد منظور نقوي

# سُر ساموندي‎ءَ جي موسيقي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جي رسالي جي مطالعي مان واضح ٿو ٿئي، ته رسالي ۾ چاڙهايل راڳن مان ڪي اهڙا به راڳ آهن، جن کي خالص سنڌي راڳ سڏجي ٿو، ۽ ’سر ساموندي‘ به انهن راڳن مان هڪ آهي. شاهه جي رسالي جي سرن جي ترتيب مطابق هي ڇهريون راڳ آهي، جيڪو نج سنڌي آهي، يا جنهن جو ذڪر، انهيءَ نالي سان، برصغير هند و پاڪ جي موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ ڪٿي به نٿو ملي؛ اهڙو اعتراف خود آنجهاني گربخشاڻيءَ به ڪيو آهي.

’سُر ساموندي‘ شاهه جي رسالي جي سُرن جي ترتيب مطابق پنجون سر آهي، جيڪو ’سري راڳ‘ کان پوءِ ۽ ’سهڻيءَ‘ کان اڳ آيل آهي. راڳداريءَ جي لحاظ کان ’سريراڳ‘ شام جو راڳ آهي، ۽ ’سهڻي‘ رات جي پوئين پهر جو راڳ آهي. انهن ٻن راڳن جي وچ ۾ ڪنهن راڳ جو اچڻ ضروري هو، شايد انهيءَ نسبت سان به ساموندي‎ءَ کي، سري راڳ ۽ سهڻيءَ جي وچ ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي.

’ساموندي‘ جي بيان کان اڳ آءٌ ڪجهه سنڌي راڳن جي ليکڻ بابت عرض ڪرڻ گهران ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سنڌ جا راڳ برصغير هند و پاڪ جي پرڳڻن تي ڇانيل نظر اچن ٿا، ۽ ڪنهن به پرڳڻي سان ايترا راڳ منسوب نه آهن، جيترا سنڌ سان آهن، ۽ اهو به ثابت آهي ته سنڌ ملڪ دور قديم کان راڳن جو گهوارو رهيو آهي. قديم سنڌين پنهنجي ڄاڻ ۽ فن جي مهارت، علم ۽ عمل سان نوان نوان راڳ، جهڙوڪ راڻو ۽ ڪوهياري؛ ۽ نيون نيون چالون، جهڙوڪ سنڌي پيرويون، سنڌي جوڳ وغيره وجود ۾ آڻي، پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت جا مثال قائم ڪري ڇڏيا، ۽ راڳداريءَ ۾ هڪ اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتريقدر جو شاهه جي راڳ ڳائڻ وارن وٽ ڪنهن، سريراڳ ۽ سامونڊي جي شڪل ۾ ڪوبه فرق ناهي. نه ڪنهن اهڙي خاص آلاپ يا تان جو وجود آهي، جيڪو انهيءَ راڳ کي ٻين راڳن کان جدا ڪري. ان ڪري اهو راڳ اصليت کان محروم ٿي چڪو آهي.

دراصل اهو راڳ پوربي ٺاٺ جو هڪ نج سنڌي راڳ آهي، جيڪو راڳ جي پراڻن ڪتابن ۾ محفوظ نه ٿي سگهيو، ۽ ٿيندي ٿيندي معدوم ٿي ويو. جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ موسيقيءَ جي تحقيق ۽ تجسّس جو ڪو اهڙو ادارو هجي ها، ته اهڙن وڃايل راڳن جي تحقيق ۽ تدقيق ڪري، انهن کي محفوظ ڪري سگهجي ها. مگر افسوس جو اسين اڃان انهن قدرن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوبه قدم کڻي نه سگهيا آهيون.

لفظ 'سامونڊي' حضرت شاهه لطيف جي رسالي ۾ ڪٿي به راڳ جي مفهوم ۾ استعمال نه ٿيو آهي، ان ڪري سامونڊي راڳ تي رسالي مان ڪابه روشني پئجي نٿي سگهي.

اڄ آءٌ هن معدوم ٿيل راڳ جي شڪل پيش ڪري رهيو آهيان. هن نج سنڌي راڳ سامونڊيءَ جي سرن جي ترتيب هن ريت آهي:

آروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار. پنجم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيور مڌم، پنجم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

سامونڊي راڳ جي اها آروهي ۽ امروهي ٻڌائي ٿي ته آروهيءَ جي سرن مان مڌم جو سر ورج يعني ترڪ ڪيل آهي. ان ڪري آروهيءَ کي گائڪيءَ جي اصطلاح ۾ 'کاڊو' چئبو: يعني ڇهن سرن واري آروهي؛ ۽ امروهيءَ ۾ سڀ سر لڳل آهن، ان ڪري امروهيءَ کي سمپورن، يعني سڀني سرن واري امروهي چئبو. انهيءَ لحاظ سان سامونڊيءَ کي کاڊو سمپورن راڳ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکيو ويندو. راڳ ساموندي‌ءَ جو انگ ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ راڳ کي راڳداريءَ جي قانون مطابق، پوربي ٺاٺ ۾ ٿي شامل ڪري سگهبو. پوربي ٺاٺ ۾ هي سر شامل آهن: کرج. ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيور مڌم، پنچم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

راڳ ساموندي‌ءَ جو راڳداريءَ جي قانون مطابق وادي سر تيور گنڌار ۽ سموادي سر تيور نکاد آهي. هن راڳ ۾ تيور گنڌار ۽ پنچم جي سرن جي سنگت سٺي معلوم ٿيندي آهي. امروهيءَ ۾ تيور نکاد جي لڳڻ ڪري هن راڳ کي اڌيءَ رات کان اڳ جي راڳن ۾ شمار ڪبو.

تجزيو. جيئن تہ هن راڳ جي آروهي امروهيءَ ۾ ڪومل رکب، ڪومل ڌيوت ۽ تيور گنڌار، تيور نکاد جا سر شامل آهن، ان ڪري هن راڳ کي راڳداريءَ جي اصول مطابق سنڌي پرڪاش جو نج سنڌي راڳ لبکيو ويندو. جيڪڏهن ساموندي راڳ جي آروهيءَ جي سرن مان مڌم سر سان گڏ نکاد جي سر کي ترڪ ڪري ڇڏجي تہ راڳ 'رام ڪريا' وجود ۾ ايندو. راڳ رام ڪريا بہ اڄڪلهہ معدوم آهي. وري جي ساموندي راڳ جي امروهيءَ جي سرن مان مڌم جي سر کي ڪڍي ڇڏبو تہ راڳ 'تيروڻ' وجود ۾ ايندو. راڳ ترون ڇهن ڇهن سرن جو راڳ، يعني کاڏو کاڏو راڳ آهي، ۽ ساموندي ڇهن ستن سرن جو راڳ يعني کاڏو سمپورن راڳ آهي. ان ڪري هي راڳ ترون راڳ کان بہ جدا ٿيو پوي.

هن راڳ جي چال کي چڱيءَ طرح سان چائي پوءِ ڳائڻ گهرجي. ڇو جو ٿوري غلطي يا ڪنهن زائد سر جي استعمال سان ساموندي راڳ جي شڪل ڪنهن ٻئي راڳ ۾ بدلجي ويندي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ راڳن جو مزاج ايتريقدر تہ نازڪ ٿيندو آهي، جو سرن ۾ ڪنهن هلڪي غلطيءَ کي بہ برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. ڪيترا اهڙا راڳ آهن جن ۾ ساڳيا سر لڳن ٿا، مثلاً راڳ ريوا، پياس ۽ جيت ۾ يا پيم پلاسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏنا ٿيل آهن، مگر وادي سموادي سرن جي بدلجڻ سان ٻيا وڪر يعني ور وڪڙ هڻڻ جي ڪري ٻين راڳڻ کان جدا ٿيو پون. سريراڳ به انهن مان هڪ آهي.

شاهه جي راڳ جي انداز جي مطابق هن راڳ کي ٽيهن سرن کان ڳايو وڃي ۽ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جي سرن تي زور ڏنو وڃي، ۽ تيور گنڌار ۽ پنچم جي سرن جي سنگت کي برقرار رکيو وڃي، ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت تي مناسب ٺڪاءُ ڪيو وڃي ته هن راڳ جي شڪل سهڻي ۽ واضح ٿي وينڊي ۽ سنڌ جو هيءُ نج سنڌي راڳ نهايت مقبول ۽ پسنديده ٿي ويندو.

هتي هيءُ ڳالهه به نه وسارڻ گهرجي ته جيڪڏهن هن راڳ کي ساموندي راڳ تصور نه ڪيو، ته اهو راڳ برصغير هند و پاڪ جي راڳداريءَ ۾ هڪ نئون وجود ۾ آيل راڳ سمجهيو ويندو، جنهن جو موجد راقم الحروف کي ٿي مڃيو پوندو.

جناب ڪريم بخش ڇنہ

# سر ساموندي ءَ جو

## تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر

هن سُرَ کي سندس مضمون موجب نالو ڏنو ويو آهي. هندوستاني راڳن ۾ هن نالي وارو سُر ڪونہ آهي. هن سُر ۾ ساموندي وڻجارن جو ذڪر آيل آهي. جن جي زالن جي دلي جذبن ۽ اُمنگن جي شاهہ صاحب نهايت واضح ۽ درد ڀرئي نموني ۾ ترجماني ڪئي آهي. هن سر جي مطالعہ مان معلوم ٿو ٿئي، تہ اِهو شاهہ صاحب جي شاعرانہ زندگيءَ جي اوائلي دور ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن شاهہ صاحب اڃان سير و سفر جي حالت ۾ هو ۽ ڀٽ شريف تي اڃان مستقل سڪونت اختيار نہ ڪئي هئائين. معلوم ٿئي ٿو تہ ڪانياواڙ ۽ ڪڇ وٽان ٿيندو، شاهہ صاحب جڏهن ٺٽي ضلعي جي لاهري بندر وٽ پهتو تہ هن کي اتي ساموندي وڻجارن جا جهاز ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي سڙهہ سنوان ڪري لنڪا ڏانهن وڃي رهيا هئا. اتي شاهہ صاحب کي انهن وڻجارن جي ويچارين استرين جو خيال اچي ٿو. جن کي مهينن جا مهينا پنهنجن پتين جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ رهڻو پوي ٿو، ۽ هر قسم جا خدشا ۽ وسوسا ۽ انهن سان گڏ اُميدون ۽ آسرا بہ هنن کي دامنگير ٿين ٿا، ۽ انهيءَ آس ۽ اميد، فراق ۽ فوڙائي ۾ هنن جي ساري حياتي ڪٽجي ٿي.

شاهہ صاحب جنهن زماني ۾ هيءُ سُر لکيو آهي، سو غالباً ميان نورمحمّد ڪلهوڙي جي حڪومت جو اوائلي ۽ نادرشاهہ جي ڪاهہ کان اڳ وارو دور آهي. جڏهن ملڪ سائو ۽ ستابو هو ۽ ان جو اندروني توڙي بيروني واپار اوج تي رسيل هو. نادرشاهي ڪاهہ ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ ڦرمار ۽ بدامنيءَ جو ڪوبہ اهڃاڻ هن سر مان ڪونہ ٿو ملي. ميان يارمحمّد ۽ ۽ ميان نورمحمّد ڪلهوڙي جي اوائلي زماني ۾، سنڌ ۾ جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني ۾ بري تجارت جو مرڪز شڪارپور هو. جتي ٿئي وانگر وڏن واپارين جون تجارتي ڪوٺيون هونديون هيون. جيڪڏهن ٿئي جي واپارين جا گماشتا ايراني نار، بحر قلزم، بحر روم ۽ هندي وڏي سمنڊ جي بندرن تي هوندا هئا ته شڪارپور جي واپارين جا گماشتا وري ڪابل، قنڌار، بخارا، سمرقند، شانگهائي ۽ ڪئنٽن ۾ هوندا هئا.

سنڌ جي بين الاقوامي تجارت مان حڪومت کي نهايت گهڻي ڏيل وصول ٿيندي هئي. تخمينو ڪيو ويو آهي ته ڪلهوڙن جي اوائلي دور توڙي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾، سنڌ جي سالياني اُپت ٨٠ لک روپيه هئي. هن مان ظاهر ٿو ٿئي ته ان زماني ۾ سنڌ جي آبادڪاري تمام اوج تي رسيل هئي، ملڪ ۾ امن امان هو ۽ ماڻهو دلجمعيءَ سان هنر ۽ ڪاريگري، زراعت ۽ تجارت ۾ لڳل ۾ هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ اناج جي سستائيءَ جون شاهديون هرهنڌ ملن ٿيون، ڪن وقتن تي اناج ايترو ته سستو ٿي ويندو هو، جو ملڪ جي مختلف حصن مان ڏيل جي اُپت گهڻي قدر گهٽ ملندي هئي، پر ان جو پورائو وري اناج جي روانگي واپار جي اُپت مان ڪيو ويندو هو. اناج جي سستائيءَ کي سامهون رکندي هيءَ دعوا ڪري سگهجي ٿي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ عوام جي حالت سڌريل هئي ۽ ماڻهو هر طرح سان مطمئن ۽ فارغ البال هئا. سنڌ جي ڳوٺاڻن ۾ به قسمين قسمين هنر رائج هئا. ڪي شيون ته ايتري گهڻائيءَ ۾ تيار ٿينديون هيون، جو ٻاهرين ملڪن ڏانهن به موڪليون وينديون هيون.

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ پنهنجين عام ضرورتن جي سلسلي ۾ ٻاهرين ملڪن کان وڏي حد تائين بي نياز هئي. ٺٽي شهر لاءِ 'تاريخ طاهري' ۾ ڄاڻايل آهي ته هن شهر جو بنياد اهڙيءَ نيڪ ساعت ۾ رکيو ويو هو، جو هتي جي رهاڪن کي ڪڏهن به مصيبت ۽ تڪليف سان واسطو نه پيو. جيڪي ڪجهه ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميسر آهي، ان تي قائم آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار امن ۽ راحت سان ڪندا رهن ٿا. جنهن خوشحاليءَ ۽ سستائيءَ جو دور چالو آهي، اها ڪڏهن به ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڏٺي نه وئي آهي ۽ نه ڏسڻ ۾ ايندي.

مٿي ڏيکاريل ڳالهيون اُن زماني واري سنڌ جي هرڪنهن شهر لاءِ چٽي سگهجن ٿيون، ڇو ته ٺٽي جي مقابلي ۾ اتر سنڌ جي زرخيزي تمام گهڻو وڌيل هئي ۽ اتي سکر، بکر، روهڙي، شڪارپور، هالائي، اوباوڙي، پني عاقل، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جهڙا وسندڙ شهر هئا.

رهڻي ڪهڻي. سنڌي ماڻهو هميشه کان جفاڪش ٿي رهيا آهن. ٻين ملڪن وانگر انهن ۾ به طبقا موجود هئا، ۽ اڃان تائين به آهن. مثال طور، وڏا وڏا زميندار، جاگيردار، وظيفه خور، سادات ۽ علما، جن کي عام ماڻهو به وڏي عزت ۽ مرتبي جي نظر سان ڏسندا هئا. موجوده دور ۾ جيڪي طبقاتي تفاوت ۽ باهمي نفرت جا نمونا موجود آهن، سي ان دور ۾ ڪونه هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏي درجي وارن طبقن جو وجود يقيناً گهڻي قدر محدود هو. هيءَ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ محبت، احترام ۽ همدرديءَ جي رشتن ۾ ڳنڍيل هئا، ۽ هڪ ڪٽنب جي حيثيت سان زندگي بسر ڪندا هئا. ڳوٺن ۾ جايون عام طرح تي ڪچيون هونديون هيون، جو اتي آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ هميشه ٻوڏ جو خطرو موجود هوندو هو. وڏن شهرن ۾ وڏيون ۽ پڪيون جايون هونديون هيون. جاين کي اندران ٿڌو رکڻ لاءِ ڪاٺ جا قالب ٺاهي، انهن تي چيڪي مٽيءَ جو گارو لائي، چُن جي پَلستر سان پڪو ڪري ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ طرح اهي جايون نه فقط مضبوط ۽ ديرپا رهنديون هيون، پر موسم جي سرديءَ گرميءَ کان پڻ پنهنجي رهاڪن کي محفوظ رکنديون هيون. اهڙي قسم جون ڪي جايون اڃا تائين ٺٽي، حيدرآباد،

نصرپور، سيوهڻ، سکر ۽ شڪارپور ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

کاڌو ۽ وندر. عام ماڻهو گهڻو ڪري چانور ۽ مڇي کائيندا هئا. لاڙ ۾ ڳاڙهن چانورن جي ماني ۽ پيت، ۽ اُتر ۾ جوئر ۽ ڪنگڻي چانورن جي ماني ۽ پيت، روزمره جي کاڌي ۾ شامل هوندا هئا. سياري ۾ سرنهن ۽ مٽرن جي پلي ۽ مان ساڳ تيار ڪري کائبو هو. کير، مکڻ ۽ ڏڌ جو رواج تمام گهڻو هو. اميرن کي شڪار جو خاص شوق هوندو هو، ۽ هو طرح پنهنجي کاڌي ۾ هرڻن، ڦاڙهن، سهن، تترن ۽ ٻين ڏنڌ جي پکين جو گوشت ڪندا هئا.

ڳائڻ ۽ ڪهاڻين ٻڌڻ جو شوق عام هوندو هو. عام ماڻهو ڏنڌي ڌاڙي ۽ مزدوري وغيره ڪندي ڳائڻ جو شغل به جاري رکندا ايندا هئا، جيئن ڪم ۾ هلڪائي ٿئي ۽ ٿڪاوٽ محسوس نه ٿئي.

ديني ذاري. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي دينداري مشهور ۽ معروف هئي. 'برنز' پنهنجي ڪتاب ”سفرنامه بخارا“ ۾ لکي ٿو ته ”سنڌ جا ماڻهو عربستان جي پيغمبر جي دين جا پوريءَ شدت سان پابند آهن. نماز جي مقرر وقتن تي هر هندو، حقير کان حقير ۽ غريب کان غريب، مڪي معظم جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندو نظر ايندو. ٻيڙين ۾ ننڍڙيون ڪروتون هيون جن ۾ نماز پڙهي وينديهئي. ننڍي کان ننڍي ڳوٺ ۾ به مؤذن جي صدا بلند ٿيندي هئي، جنهن جي ذريعي هو مومنن کي نماز لاءِ سڏيندو هو. بانگ ٻڌڻ تي هرڪو مسجد ۾ ڊوڙي وڃي نماز پڙهندو هو. جيئن الحمد جي خاتمي تي ”آمين“ چوڻ ۾ شريڪ ٿي وڃي“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب غلام رسول بلوچ

# سر ساموندي ۽ جو
## تاريخي ۽ ثقافي پس منظر

سنڌ تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ کان، جتي هن سڄي عالم قديم خطو آهي، اتي مهراڻ جي هن سرسبز ماٿريءَ جا مانجهي مڙس به پنهنجي قديم روايتن ۽ رسمن، سلوڪ ۽ شرافت، مهرباني ۽ مهمان نوازي، همت ۽ مردانگي جا مجسما ٿي رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته ڪيترن ڪان وني ڪاري تائين، لَس ڪان ٿر جي پٽن تائين پکڙيل سنڌي سپاجهڙا، هر دور ۾ پنهنجي ٻولي، ادب ثقافتي ورثي جا محافظ رهيا آهن ۽ هڪ سجاڳ ۽ سڄاڻ قوم وانگر هميشه ڏاڍَ ۽ زوراوريءَ جو مردانه وار مقابلو ڪيو اٿن.

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف رحه پڻ اسان جي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو سرچشمو ۽ معمار آهي. سندس سڄو رسالو جتي وحدت واري وائيءَ سان سرشار آهي، اتي رسالي جي هڪ هڪ بيت مان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت پڻ ليئا پائيندي محسوس ٿئي ٿي. سر ساموندي‌ءَ ۾ شاهه صاحب جتي سالڪ کي مالڪ جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ عبادت ڪرڻ ۽ تزڪيهٔ نفس جي ترغيب ڏني آهي، اتي اهل سنڌ کي سنڌن رهڻي ڪهڻي ۽ رسم و رواج کان روشناس ڪرائيندي هن سُر ۾ سنڌ جي ڏاکڻي حصي يعني لاڙ جي ساموندي ڪناري تي مغليئين وٽ رهندڙ وڻجارن جي زندگيءَ جو چشم ديد مشاهدو پڻ پسايو اٿس. جڻ ته شاهه صاحب هڪ ماهر مصور وانگر وڻجارن ۽ ساموندين جي وڇوڙي جي نهايت دلپذير ۽ دلڪش لفظن ۾ ويهي تصوير چٽي آهي.

لطيف سائينءَ تي تحقيق ڪندڙن جي اِها راءِ آهي ته شاهه صاحب پنهنجي زندگيءَ جا سڄا سارا ٽي سال سنڌ جي سير ۽ سفر ۾ گذاريا ۽ هنڌ هنڌ وڃي حال حقيقت حاصل ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف ماڳن ۾ وسندڙ قومن جي ريتن ۽ رسمن، الڳ الڳ طبيعتن جي ماڻهن جي جذبن ۽ اُمنگن، جدا جدا هنڌن تي هلندڙ قصن ۽ ڪهاڻين ۽ سائي ستابي سنڌ جي نرمل نظارن، سنڌس تجزيي ۽ معلومات جي دائره کي نهايت وسيع ڪري ڇڏيو، جنهنڪري سنڌس سيني جو ساگر ڇوليون هڻڻ لڳو ۽ بيتن، دوهن ۽ واين ۾، پنهنجي جوش ۽ جذبي جا آهي دادلا درياءَ وهي اوتيائين جو اڄ به پڙهندي پياس نٿي اُجهامي.

شاهه صاحب رسالي جي ڀين سُرن وانگر سُر سامونڊيءَ ۾ پڻ انساني اُمنگن جا نقش ۽ نگار چِٽيا آهن. قدرتي نظارن جون لفظن ۾ تصويرون ڪڍيون آهن. هڪ وڻجاري جي معاشرتي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي خيالي جامو پهرائي اُجاگر ڪيو آهي، جڻ ته سنڌي عورت جو هڪ مختلف روپ وڻجاريءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو اٿس ته هوءَ ڪيئن نه پنهنجي وَر جي وڇوڙي سبب هنجون هاري ۽ نيڻن مان نير جا درياءَ وهائي ٿي:

اَڄُ پِڻ وايُون ڪَنِ، وڻجارا وِڃَڻُ جيئُون
مون اَپيئي هَلِيُا، بندرَ جَنِ تَڙَنِ
سرتيون! سُورُ سَنَدُنِ، مون مارِيندي جندڙِي.

—

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون
هلڻ-هارا سُپرين، رَئان تان نه رَهَنِ
آءُ جهلينديِ ڪيترو، آيَلِ! سامونڊين
پَڳهَه ڇوڙي جَنِ، وڏا ٻيڙا ٻارِ ۾.

مٿين بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته وڇوڙي جون ماريل وينجهارن جون وَهون رئندي ۽ رڙندي پنهنجن راڻن کي رخصت ڪرڻ کان پوءِ ڪيئن نه ورن جي وڃڻ سبب من جي مونجهاري ۾ اڙجي وڃن ٿيون. سنڌن اندر ۾ ڪيئي اُڌما اُٿن ٿا ۽ پل پل پور پيدا ٿين ٿا پر وٽن محبوبن جي وڇوڙي ۽ پرين جي ڦوڙائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آوسيئڙو ۽ انتظار ختم ٿئي ٿو ۽ سنڌن ور ڏسندا، لنڪا يا سلون جو سير ڪندا، ڪارو ڪيڙيندا وري ماڳ موٽن ٿا:

جنين ڪارڻ مون، تڙ پوڄارا پوڄيا
پُنيم اُميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

لطيف سائينءَ هن سر ۾ نہ رڳو سنڌين جي تهذيب ۽ ثقافت جي آپٽار ڪئي آهي، پر هڪ ڳجهي تمثيل ۽ روحاني راز بہ رکيو اٿس جو آهي تہ ”اي سالڪا جهڙي نموني سان ونجارن جي وڇوڙي ۽ ويراڳ سبب سنڌن وَهُون نيٽن مان نير جون نديون وهائيندي ڦوڙائي ۽ فراق ۾ لُڇن ۽ ڦَڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح تون بہ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ هٺ پير هلاءِ ۽ عبادت ۽ تزڪيہ نفس سان پنهنجو سينو صاف ڪر ۽ وجود ڪي وڃاءِ، من جي مهراڻ مان غوطو هڻي پنهنجي ٻي ٻها ٻالم ڪي لوچي لهہ تہ ابدي آرام حاصل ٿيئي.

سي پوڄارا پُر تيا، سمنڊ سيوئيو جن
آنڌاڻون عميق مان، جوتي جواهرن
لڌائون لطيف چَي، لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، مُلهہ مهانگو آن جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جي سمورن سُرن ۾ جيڪو سوز ۽ فراق پوريءَ شدت سان بيان ٿيل آهي، تنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب محض اُهي عشقيه داستان آهن، جن جو اختتام الميه آهي، پر هڪڙو ”ساموندي“ ئي اهڙو سُر آهي، جنهن جي پس منظر ۾ نه ڪو داستان آهي ۽ نه ڪي ظاهري واقعو، جنهن جي بناء تي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ايڏي سوز ۽ فراق، انتظار ۽ اوسيئڙي جي تصوير چٽي آهي. پوءِ اهو ڪهڙو سبب آهي، جو شاهه جي هن سُر ۾ سوز ۽ فراق جو جذبو چوٽ چڙهيل آهي؟ اسان جي خيال ۾ اهو سبب هو ملڪ جي ان وقت جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشي بدحالي، جنهن شاهه صاحب جي حساس طبيعت تي تمام گهڻو اثر ڪيو. ان وقت جي تباهه حاليءَ جو جيڪو نقشو سنڌ سان اکين آڏو هو سو اشاريت ۾ انهيءَ سُر ذريعي ئي بيان ڪيائين، جنهن مان سنڌ جي انهيءَ دور جا مڪمل اهڃاڻ ۽ آثار اسان کي ملن ٿا.

پنهنجي دعويٰ جي ثبوت ۾ ساموندي‌ءَ مان حوالا ڏيڻ کان اول بهتر آهي ته اسين ان جي دور ۾ سنڌ جي داخلي توڙي خارجي، سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو وٺون جيئن حالات سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

## شاهه جي دور جا مشهور تاريخي واقعا

١٦٨٩ع: شاهه صاحب جي ولادت.

١٦٩٩ع: ڪئپٽن هئملٽن سنڌ ۾ آيو ۽ سموريءَ سنڌ جو سفر ڪري، اُن دور جي حالات کي پنهنجي سفرنامي ۾ بيان ڪيائين.

١٧٠١ع: ميان يارمحمد ڪلهوڙي اورنگزيب کان پروانو حاصل ڪيو، ۽ اُتر سنڌ ۾ دائود پوٽن کي شڪست آئي.

١٧١١ع: ميان يارمحمد ڪلهوڙي اتر سنڌ ۾ پنهنجي طاقت وڌائي.

١٧١٩ع: ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي وفات ڪئي، ۽ پٽس ميان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نور محمّد ڪلهوڙي "خدا يار" جو لقب اختيار ڪيو.
١٧٣٦ع: ميان نور محمّد ڪلهوڙو سنڌ جو صوبيدار ٿيو.
١٧٣٩ع: سنڌ تي نادر شاه ڪاهه ڪئي، ۽ سنڌ ايران جي ماتحت ٿي.
١٧٥٠ع: سنڌ، احمد شاه دراني جي افغان بادشاهت ۾ شامل ڪئي ويئي ١.

شاه صاحب جي ولادت وقت، سنڌ دهلي جي مغل شهنشاهت سان لاڳو هئي. دهلي حڪومت طرفان ڪونہ ڪو نمائندو، سنڌ تي صوبيدار جي حيثيت سان مقرر ٿيندو هو. اهو پنهنجو وارو وڄائي واپس وڃي نہ متان پيو. انهيءَ ريت سنڌ تابعداري ۾ لاڳيتو تقريباً ڏيڍ صدي تائين (١٥٩٢-١٧٣٩ع) مختلف تاجدارن ۽ صوبيدارن جي هٿن ۾ ڦرندي گهرندي رهي. حد تہ اها آهي جو شاه صاحب جي وقت ۾ سنڌ ماڳهين پن حصن ۾ ورهايل هئي ۽ مٿس ٽہ صوبيدار مقرر هئا سنڌ جي انهي صورت حال سبب هتي جو عوام آهستي آهستي پنهنجي اڳئين اوج کي وڃائيندو رهيو، ۽ پيٽين ۽ ٽيٽين ڏلن جي ادائگي سبب سنڌ جي اقتصادي ۽ معاشي حالت پڻ ڪمزور ٿيندي ويئي.

قدرتاً جاگرافيائي حالتون بہ اهڙيون بنجي چڪيون هيون جو دريائي آمدرفت کي پڻ نقصان رسيو. جنهن ملڪ جي واپاري عظمت جو ڏاڪو سڄيءَ دنيا تي هو، اهو ڏينهون ڏينهن پوڙو پوندو ويو. شاه صاحب جي ولادت کان سٽهٺ انهٺ سال اڳ (١٦١٣-١٤ع) سنڌ ۾ "نڪولس وٿنگٽن" نالي هڪڙو سيّاح سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي جي واپاري عظمت کان متاثر ٿي، پنهنجي سفرنامي ۾ لکيائين تہ "هندستان جو ڪوبہ شهر ٺٽي کان واپار ۾ وڌيڪ ناهي ٢". سترهين صدي (١٦٣٥-٦٢ع) جي انگريزي ڪوٺين جي منتظمين بہ ٺٽي جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي.

---

١ "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" از ڊاڪٽر ايس. پي. ڇبلاڻي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع ص ص ٢٣٩-٢٥٠

٢ بالڪرشنا، هندستان ۽ انگلستان جا هڪبئي ۾ واپاري لاڳاپا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾ ئي ٺٽي جي واپاري، صنعتي ۽ اقتصادي عظمت ختم ٿي ويئي. سڄو شهر ويران ٿي ويو. شهر جو منظر نهايت ڏک پهچائيندڙ هو. جتي اڳي محل محلات هئا، اتي فقط مٽيءَ جي ڍڳن جو ميڙ بنجي ويو ۽ سندس ’قديم بزرگيءَ جو اعزاز‘ کسجي ويو.

ٺٽي کان پوءِ ٻئي نمبر تي ”لاهري بندر“ هو، جو نڪولس وٿنگٽن جي چوڻ موجب، ٺٽي کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو. لاهري بندر چوڏهين صديءَ ۾ ابن بطوطه ڏٺو، ۽ پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو ته لاهري بندر هڪڙو تمام وڏو بندر هو، جتي يمن ۽ فارس (عربستان ۽ ايران) ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا، منجهانئس اٽڪل سٺ لکن جو محصول گڏ ٿيندو هو.

لاهوري بندر سترهين صديءَ ۾، هندستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ مکيه لنگهه هو. هي بندر نهايت مشغول بندر هو ۽ هندستان جي پرڏيهي واپار ۽ سنڌ جي سامونڊي واپار جو وڏو مرڪز هو، جنهن پورچوگيزن ۽ ڊچن کي چڪي سنڌ ۾ آندو. ان جو ڪنارو نهايت سٺائو هو، جتي ٻن سون کان ٽن سون ٽنن جا جهاز- جي ان وقت تمام وڏا ليکيا ويندا هئا- مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ اچي بيهندا هئا.

پورچوگيزن جو سرڪاري روزنامچو لکندڙ ”انٽونيو بوڪارو“ (۱۶۳۱ع) لکي ٿو ته ”هي بندر تمام وڏو هو ۽ سندس آدمشماري به تمام گهڻي هئي“. انگريزي ڪوٺين وارا به ساڳي ڳالهه جي تائيد ڪن ٿا ته ”سندس اڏاوت جيتوڻيڪ ڇڳي ڪانه هئي، تڏهن به منجهس ڪافي آدم آباد هو، ۽ ضرورت جون سموريون شيون جهجهي انداز ۾ دستياب ٿي سگهنديون هيون“. ”خلاصة التواريخ“ جو مصنف- جو اورنگزيب وٽ آفيسر هو- لکي ٿو ته لاهري بندر سنڌ جو مکيه بندر آهي. موتين ۽ ٻين شين کان مشهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر آهي. هن بندر تي اٽڪل ٤٠٠٠ جهاز ۽ ٻيڙيون هڪ ئي وقت لنگر انداز ٿي سگهن ٿيون.

پر افسوس، درياءَ شاه جي ريٽ هن آباد ۽ وسندڙ شهر کي پڻ تباه ڪري ڇڏيو. سترهين صديءَ جي آخر ڏاري درياءَ جو پيٽ واريءَ ۽ رڳ سان لٽجي ويو، ۽ انهيءَ بندر تائين دريائي آمدرفت مشڪل ٿي پيئي، جنهنڪري آهستي آهستي سندس واپار ۽ بندر واري اهميت ختم ٿي ويئي.

اها آهي شاه کان ڪجهه اڳ واري دور ۽ شاه جي ابتدائي دور ۾ سنڌ جي حالت. آهستي آهستي رهي کهي حالت به تباهيءَ جي حد تائين پهچي ويئي، جو جڏهن شاه پنهنجي ڀوڳ جوانيءَ واري وقت ۾ سير و سفر سانگي ساموندي ۽ بحري بندرن جو مشاهدو ڪيو، تڏهن اڳئين اوج واري وقت جي بدلي ڳالهين جي روشنيءَ ۾ برباد شهرن ۽ بندرن جا آثار ڏٺائين، جتي سون ۽ موتين جو واپار هلندو هو، اتي لوهارن کي ڪُٺُ ڪٽيندي ڏٺائين. يقينًا انهي نظاري مٿس بيحد اثر ڪيو هوندو.

سنڌ کي تباهيءَ جي حد تائين پهچائڻ ۾ جغرافيائي ۽ اتفاقي حالتن کان سواءِ وڏو سبب سنڌ جي سياسي حالت به هئي. خاص ڪري ١٧٠١ع کان ١٧٣٩ع وارو دور قابل ذڪر آهي. ١٧٠١ع کان اڳ به وقت جي خود مختيار ڪلهوڙي حاڪم ميان يار محمد، جنهن هندستان جي ڪمزور مغل بادشاهت جو وجهه وٺي، خود مختياري جو اعلان ڪيو هو، تنهن جو سمورو وقت جنگين ۾ گذريو. پر ١٧٠١ع کان پوءِ باقاعدي سنڌ جو حاڪم بنجڻ کان پوءِ به سندس سمورو عرصو اندروني لڙاين توڙي ٻاهرين سان وڙهندي گذريو. ڪانئس پوءِ سنڌ جو ٻيو مشهور حاڪم ميان نور محمد هو، جنهن جي پڻ سڄي عمر جنگين ڪندي گذري. ميان نور محمد جون دائود پوٽن سان جنگيون، قلات جي بروهين تي حملا- ويندي سنه ١٧٣٨ع تائين سنڌ جو دور اهڙو هو، جنهن ۾ مسلسل جنگيون ٿينديون رهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جنگين سبب وقت جا حاڪم ملڪي انتظام رکي نه سگهيا، جنگين جي خرچ جو بار عوام جي مٿان پيو. رهي کهي ڪسر نادر شاهه جي حملي پوري ڪري ڇڏي. ناد شاهه جو حملو، قدرت جي طرفان هڪ عظيم عذاب هو، جنهن جيڏانهن ٿي قدم رکيو، سو هنڌ تاخت و تاراج ٿي ويو ٿي. هڪ طوفان تباهي هو، جنهن تهذيب ۽ انسانيت جا سرسبز باغ ويران ڪري ڇڏيا. نادر شاهي حملي سنڌ جي باقي همت کي ختم ڪري ڇڏيو. هن نادري لشڪر سڄي ملڪ ۾ ڦرلٽ مچائي ڏني. ڪو گهر، ڪو ماڻهو سندن ڇيره دستيءَ ۽ ظالمانه ڦرلٽ کان آجو نه رهيو؛ امير، غريب، شريف ۽ لُچ هڪ ئي مصيبت ۾ گرفتار هئا. سنڌ جو سمورو خزانو انهيءَ دور ۾ اڳيئي ختم ٿي چڪو هو. آقي باقي نادرشاهه ڪروڙها رپيا ڏنڊ طور پاڻ سان کڻي، آباد علائقن کي ويران بنائيندو، وڃي پنهنجي ملڪ ٽانيڪو ٿيو.

مٿين بيان جي روشنيءَ ۾، هاڻي هڪ طرف ته سنڌ اقتصادي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي بد حال ٿي چڪي هئي، ۽ سمورو ناڻو سميٽجي، ڏن طور وڃي ٻاهرين خزانن ۾ جمع ٿيو ته ٻئي پاسي جغرافيائي تبديلين، خصوصاً درياءَ جي ريٽجڻ ۽ رخ بدلجڻ سبب زرعي حالت تباهه ٿي چڪي هئي. عوام ۽ خواص دائي دائي لاءِ محتاج هئا. وڏا ۽ واپاري شهر ڦٽي ناس ٿي ويا هئا. شرافت ۽ انسانيت مفقود ٿي چڪي هئي. ذهين طبقي جا فرد پڇي وڃي ٻين ملڪن پهتا ٿيا. بک ۽ بيڪاري عوام جي گردنن تي مسلط هئي. امن امان جو نالو به نه رهيو هو. سلامتيءَ جون سڀ راهون مسدود ٿي چڪيون هيون. اهڙي دور ۾ شاهه، جو حقيقت جو ترجمان، فطرت جو نقيب ۽ پنهنجي ماحول ۽ دور جو راوي هو، سو انهن حالتن کان متاثر نه ٿيو هوندو ڇا؟ ۽ ڇا انهن حالتن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان نه ڪيائين؟ جيڪڏهن جواب نفيءَ ۾ آهي ته پوءِ هڪ فطري شاعر لاءِ جي شرط شروط لڳايا وڃن ٿا، انهن جو پابند شاه صاحب نظر نٿو اچي، ۽ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن. جيئن ته شاهه صوفي طريقي موجب پنهنجو پيغام پين تائين پهچائڻ گهريو ٿي، تنهنڪري سندس سموري ڪلام مان اهو رنگ به نمايان ملندو، پر ساڳئي وقت شاهه جي ڪلام ۾ تمثيلي طور پيا داستان پڻ بيان ٿيل آهن تنهنڪري اسان جو مٿي بيان ڪيل نڪتهءِ نظر پڻ نظرانداز ڪرڻ جهڙو ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي منزلن جو ڳاڻاٽوئي ڪونهي. ان لاءِ دليل ڏيندي لکيو اٿس ”ٻانهي جي ٻانهپ جي ڪاٻ اهڙي حد ڪانهي جو ٻانهپ ختم ٿي وڃي ۽ ٻانهو رب بڻجي.“

شاهه صاحب انهيءَ حقيقت کي سمجهائيندي فرمايو آهي، ته جهڙيءَ طرح ساموندي سفر ۾ هڪ بندر ڪان پوءِ ٻيو ايندو، اهڙيءَ طرح روحاني سفر ۾ به هڪ منزل ڪان پوءِ ٻي منزل آهي:

بندر ديسان ديس، مُلُ نه ملي وارين
فقيرائي ويس، اَمُلَ ڏين اتوريا.

جيئن ته سمنڊ اجهاڳ آهي، ۽ منزلن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري وڻجارن کي هميشهه وڃڻ جي وائي آهي. هنن کي ڪيترو به روڪڻ جي ڪوشش ڪجي، پر هو رڪڻ جا نه آهن. زميني رشتا ۽ پيارن عزيزن جون دانهون ۽ ڪوڪون به هنن تي ڪو اثر نه ٿيون ڪن، يعني مادي تعلقات اِنهن جي راهه ۾ حائل نه ٿا ٿين. هو هر ڳالهه ڪان منهن موڙي سفر جو سانباهو ڪري وڃڻ رهن ٿا:

اج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نه رهن
آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل ساموندين
پڳهه ڇوڙي جن، وڃا پيڙا پار ۾.

ابن العربي فتوحات المڪيه ۾ ڄاڻايو آهي ”جڏهن ڳولها ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ڪين ان ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي“ يعني جڏهن راهه جي ور وڪڙن ڪان واقف ٿي اڳتي وڌجي ٿو، ته مولا جي مهر ٿئي ٿي، ۽ مسافر منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. شاهه صاحب اها ڳالهه هن طرح سمجهائي آهي ته جڏهن سڀهه سڀجي رهيا هئا، ۽ ساموندي سفر جي تياري هئي، تڏهن ساموندي سفر بابت معلومات به حاصل ڪيائون ۽ رهبري به ورتائون. ان ڪان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوف جي تشريح بہ فطرت جي انڊ مٽ اهڃاڻن پٽاندر آهي. هو سمجهائي ٿو، تہ تحرڪ ۾ اچڻ سان ٿي ترقيءُ جون راهون کلن ٿيون. پر جيڪڏهن ٿورو اڳتي هلي بيهي رهبو، تہ وڌڻ واند ٿي وڃبو، يعني وڌندو ۽ وڌندو رهجي. ان سان گڏ پاڻهي ڪي ڪي پنهنجي هيڻائيءَ جو بہ احساس هئڻ گهرجي، انهيءَ ڪري همٿ ۽ وڏائي ڇڏي، مالڪ ڪان مدد جو ملتجي رهجي.

## فعلن مان اسم ٺاهڻ

**الف:-** امر واحد جي پويان ’اِي‘ يعني ’ي‘ معروفي ملائڻ سان اسم ٺهندو آهي. جيئن:-

سانباه + اِي = سانڀهي ـــ اڳي واءِ سواءِ، سڙه ’سانباهي‘ نہ سهي

**ب:-** جنهن امر واحد جي پڇاڙي زير (اِ) آهي، تہ ان تي زبر (آ) ڏيڻ سان اسم ٺهندو آهي. جيئن:-

جهَلِ مان جهَلَ ـــ روئان رهن سپرين، جهليا ’جهل‘ نہ ڏين

چِٽِ مان چِٽَ ـــ مکيو پنهنجون ڪريون، چيٽيو چڱيءَ ’چِٽَ‘

**ج:-** جنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش (اُ) هجي تہ ان تي زبر (آ) ڏيڻ سان اسم ٺهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن امر واري ساڳي شڪل بہ اسم تي ڪم ايندي آهي. جيئن:-

وَهُہ مان وَهَہ ـــ ڏيندا مون ڏکن، ’وهہ‘ وجهندا جندڙو.

وِهُہ مان وهُہ ـــ ڪارو تنين تي، جيڪس ’وهہ‘ وري ويو

**د:-** ڪڏهن ڪڏهن ماضي مطلق واحد غائب جي صيغي جو آخري ’واو‘ ڪيرائڻ سان بہ اسم ٺهي پوندو آهي. جيئن:-

ڏٺو ـ و = ڏٺ ـــ تي ڏياريءَ ’ڏيٺ‘ ڍوءِ هلڻ جي ڪري هتي ڏيٺ، ڏٺ جي بدليل شڪل آهي.

## اسمن مان فعل ٺاهڻ

(١) ’ڦوڙائو‘ اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڇوڙو. شاهه صاحب انهيءَ ڦوڙائي اسم مان فعل ٺاهي، مضارع واحد غائب جي روپ ۾ ڪم آندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيل + يو = ڏوليو ـــ ”ڏواليو ويو ڏور سي تي ڏينهن گذاريان“
اهڙي طرح سا ڳئي اسم جي تصغير جا ڪيترا روپ آهن، پر جيئن ته انهن جو هن سر جي بحث ۾ واسطو ڪونه آهي، ان ڪري انهن تي بحث ڪرڻ کان پرهيز ڪجي ٿي.

ڊ:- ڪنهن اسم جي پڇاڙيءَ ’ڻ‘ ملائڻ سان به سنڌس ننڍڙائي ٿيندي آهي. جيئن:-
لال + ڻ = لالڻ ـــ ”اچوڪي راتڙي رهه، ’لالڻ‘ مون لائي“

## فعلن جي تصغير

اسمن جي تصغير سان گڏ هن سر جي بيتن ۾ فعل جي تصغير جا مثال به مليا ٿا. جيئن:-
پيا مان پئڙا ـــ ”اوليون پسي ان جون ’پئڙم‘ ڳچ ڳري.“
وٺا مان وٺڙا ـــ ”جي ’وٺڙم‘ اڄ، سي ڪڏهن ايندا مان گهرين“

## اسم فاعل جا نمونا

هن سر ۾ اسم فاعل جا ٻه روپ آهن:
(١) امر واحد جي پڇاڙيءَ ’اڏو‘ ملائڻ سان فاعل ٺهندو آهي. جيئن:-
ڪيڙ + اڏو = ڪيڙائو ـــ ”ڪاري ’ڪيڙائو‘ مٺي مور نه موٽيا.“
وهاء + ائو = وهائو ـــ ”سودو ڪن نه سون جو، وڏا ’وهائو‘“
(٢) امر واحد جي پڇاڙيءَ ’آئو‘ يا واو معروفي ملائڻ سان فاعل ٺهندو آهي. جيئن:-
لهه + آئو = لهو. جيڪو لساني تبديل ڪري لهو مان لاهو تي ويو ۽ شاه وٽ اجهو هيئن استعمال ٿيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇڇيو تان نه پريان، 'ڪرلاهو' تي ڪڏهن"

## اسم مفعول جا روپ

هن سر ۾ اسم مفعول جون ٽي شڪليون آهن، جيڪي هيٺين آهن:

(۱) امر واحد جي پويان 'يوُ' ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

مار + يو = ماريو، مونث 'ماري'

"مارينديءَ 'ماري' پره سور پرين جو"

ڏم + يو = ڏميو، بدليل شڪل اٿس 'ڏنو'

"ڏنو اڄ اڏيوءَ، هينڙو ڪوت- برج جيئن"

(۲) امر واحد جي پويان 'آڻي' ملائڻ سان، اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

ست + آڻي = ستاڻي - "ڪنهن 'ستاڻي' سانگ پرين پرڏيهي ڪيا"

(۳) امر واحد جي پويان 'ڏون' ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

گڏ + ڏون = 'گڏڏون' جيڪو پوءِ تبديل جي ترقيءَ ۾ اچي 'گاڏڏون' ٿي ويو آهي.

"ساموندبڪو سگ، آهي گوندر 'گاڏڏون'"

## فعل بالواسطو

هن سر جي بيتن ۾، فعل متعدي معروف مان فعل متعدي معروف بالواسطو، ناهڻ جو هڪ مثال ملي ٿو، جيڪو آهي 'ٽمٽاڏون' مان 'ڏٽاريائون'

"'اجاريائون اوليون، 'ڏٽاريائون' ڏڄ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسم عام مان خاص

جيئن:-

ڏيا + آري = ڏياري.

”ڏني ’ڏياري‘ ساموندين سڙهه سنباهيا“

نحو جي اصلي معنيٰ آهي طرف يا پاسو، جنهن مان مطلب آهي ته لفظ هڪ ٻئي جي پاسن ۾ بيهي، هڪ لڙهيءَ ۾ پوئجي، هڪ ٻئي تي ڪهڙو اثر ۽ عمل ڪن ٿا ۽ ڪهڙيون حالتون پيدا ڪن ٿا. ٻئن لفظن ۾ هيئن چئجي ته ”نحو اهو علم آهي جيڪو اسان کي لفظن جي ترڪيبي جوڙ جڪ جا صحيح قانون پڙهائي ٿو“

هن سر جي بيتن ۾ هيٺيان نمونا، نحوي ترڪيبن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

## مهمل يا بي معنيٰ لفظ

ڪن اسمن جي پرتيءَ لاءِ سندن اڳ ۾ يا پويان ڪي هموزن، هم آواز يا مناسب لفظ ملائبا آهن، جن مان ڪيترا بي معنيٰ هوندا آهن، اهڙن لفظن کي زائد، مهمل يا بي معنيٰ چئبو آهي.

شاهه جي هن سر ۾، اهڙن لفظن جو هڪ مثال ملي ٿو، جيڪو آهي وڻ ڏڻ. هتي وڻ جي پويان ’ڏڻ‘ لفظ بي معنيٰ آهي.

”جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ ’ڏڻ‘ پڏي وانئيون“

## تڪراري لفظ

ڪنهن جملي ۾ جيڪڏهن ڪنهن اسم کي يا فعل وغيره کي ٻئو يا ٻه دفعا ڪم آڻجي ته اهڙي تڪرار کي تاڪيد چوندا آهن. هن سر ۾ لفظن جي اهڙي تڪرار ۽ تاڪيد جا اجهي هي مثال ملن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبايئي = تو سبايو } ڪالهه 'سبايئي' ڪنجرو، انگهون 'پاتئي' اڄ
پاتئي = تو پاتيون }

وڃيئي=تو کي وڃي : 'وڃيئي' وسري شال، جو تون سودو سکيو.

'ئي' ضمير غائب جمع لاءِ

وڃنئي = هو وڃن: وڃهي جيءُ جنجار، جم 'وڃنئي' اوهري

'ئون' ضمير غائب جمع لاءِ

سبياڻون = هنن سبيو — سڙهه تي 'سبياڻون' بندر جن تڙن تي

سونياڻون = هنن سونيو — ستڙ 'سوناڻون'، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.

اجارياڻون = هنن اجاريو. } 'اجارياڻون' اوليون، 'ڏٺارياڻون' ڏڄ
ڏٺارياڻون = هنن ڏٺاريا. }

'م' ضمير متڪلم واحد لاءِ

ڪيو م = مون ڪيو — سعيو ساموندين سين' اڳهين تان نه 'ڪيوم'

ڪندوم = مون کي ڪندو — قادر شال 'ڪندوم'، ويجهي وڻجارن سين

مارينم = مون کي مارين — 'مارينم' فراق، پاڙيچيون پرين جا

سندوم = مون سندو — جيڪس نيرنيهن 'سندوم' جيئن مون بيٺي هن ٽيبلو

پنيم = منهنجون پنيون — 'پنيم' اميدون، سي ڏي سڄڻ آئيا

وڏڙم = مون ڪان ويا — جي 'وڏڙم' اڄ، سي ڪڏهن ايندا مان گهرين

پڻڙم = مونکي پيا — اوليون پسي ان جون، 'پڻڙم' گچ گري.

'ن' ضمير غائب جمع لاءِ

هونِ = هنن کي هئو — هڙ ۾ ڪين 'هونِ' هئين هن نه چاڙهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويونِ = هنن کي ويو — سارو ڏينهن سموند تي، لهي سج 'ويون'

ڪيونِ = هنن سان ڪيو — جڏهن سائين سڀ 'ڪيون' تڏهن ستڙ ٿيا سڀ ڇٽي

## 'سِ' ضمير متڪلم واحد لاءِ

ڪيس = مون کي ڪيو — 'ڪيس' نماڻي نينهن، ڪاري ڪيڙائن جي

وينديس = آءٌ وينداس — 'ويند يس' ماءِ مري ، ساري ساموندين کي

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب نجف علي شاهہ ’ڪمتر‘ نقوي

# سر ساموئيل ۾ لغت

جناب صدر ۽ معزز حضرات!

اوهان سڀني کان اها ڳالهہ پوشيده ڪانهي تہ هن زماني ۾ سنڌي ٻولي هڪ اهڙي موڙ تي پهچي چڪي آهي، جتي پراڻي ۽ اصل سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي هڪ نئين قسم جي جديد سنڌي زبان جو استعمال عام جام ٿيندو پيو وڃي. انهيءَ جديد سنڌي زبان ۾ ڌارين ٻولين جي لفظن جي ايتري تہ ڀرمار ٿي وئي آهي، جو هاڻي پراڻي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ حرف جر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ رهيو آهي. افسوس صرف ان ڳالهہ جو آهي تہ اسان جي مٺڙي سنڌي ٻوليءَ سان اهو ويل وهائڻ وارا بہ سنڌي صاحب آهن، ۽ انهيءَ ڪُڌي ڪم ۾ گهڻي کان گهڻو ٻهرو سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ريڊيو پاڪستان جي سنڌي پروگرام مرتب ڪرڻ وارن ورتو آهي.

سنڌي روزانين اخبارن ۾ خاص طرح سان ۽ ٻين سنڌي رسالن ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ عام طرح سان جيڪا ’جديد‘ سنڌي ٻولي ڪم آندي پئي وڃي، تنهن کي صرف شهري طبقو ئي سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن خوشي آهي تہ صرف اها، جو سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ هڪ عام اڻ پڙهيل سنڌي ماڻهو اها زبان بلڪل سمجهي ڪونہ ٿو سگهي، ۽ هو پنهنجي پراڻي سنڌي زبان کي اڃا تائين پنهنجن سينن ۾ سانڍيو پيو اچي. جيئن تہ اڻ پڙهيل سنڌي عوام اخبار پڙهڻ کان تہ لاچار آهي، تنهڪري هو پنهنجي عام معلومات جو سڄو دارومدار ريڊيو جي سنڌي نشريات تي ٿو رکي. ليڪن افسوس جو سنڌ جي ڳوٺاڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جيڪي پروگرام پيش ڪيا ٿا وڃن، تن کي هو بلڪل سمجهي ڪونه ٿو سگهي. ان باري ۾ انيڪ مثال پيش ڪري ٿا سگهجن، پر مضمون جي ڊگهي ٿي وڃڻ جي ڊپ کان صرف هڪ ٻن معمولي مثالن ڏيڻ کان پوءِ آءٌ پنهنجي اصل مضمون تي اچان ٿو.

ريڊيو پاڪستان تان هن وقت سنڌي ڳوٺاڻن لاءِ جيڪي پروگرام پيش ٿي رهيا آهن، تن مان ٻه پروگرام قابلِ ذڪر آهن: هڪ "جمهور جو آواز" ۽ ٻيو "زراعتي پروگرام". هاڻي اوهان انهيءَ ڳالهه جو خود فيصلو ڪريو ته "زراعتي پروگرام" ۾ سنڌي زبان جو ڪهڙو لفظ استعمال ٿيل آهي؟ ظاهر آهي ته جنهن پروگرام جو نالو ئي اهڙو عجيب و غريب آهي، جنهن جو سنڌي زبان سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه آهي، ته اهڙي پروگرام ۾ اڳتي هلي ڪهڙي قسم جي سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هوندي. ان جو اوهين خود ئي اندازو لڳائي سگهو ٿا. اوهين يقين ڪريو ته آءٌ انهيءَ پروگرام هلندي اڀوجهه هارين کان پڇندو آهيان ته 'اوهين سمجهو ٿا ته هي ڇا چون؟' ته ان جو جواب يا ته بلڪل نفي ۾ ملندو آهي يا چوندا آهن ته 'ڪجهه ڪجهه سمجهون ٿا پر گهڻو سمجهه ۾ نٿو اچي'.

هاڻي ٻڌايو ته جيڪڏهن هڪ انگريز کان بلوچي زبان ۾ ويهي حساب سيکاربا ته هو ڪيئن سکي سگهندو؟ اصل حقيقت هيءَ آهي ته جيتوڻيڪ حڪومت جي پاليسي اها آهي تہ سنڌ جي اڀوجهه هارين کي ٻني پوکڻ جي باري ۾ ڪي نيون ڳالهيون سيکارجن، جيئن هو اڳتي هلي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ ڪو مفيد ڪم ڪري، سنڌ جي اقتصادي حالت کي سڌاري سگهن. پر پلو ٿئي ويچارن ريڊيو پاڪستان جي ڪارپردازن جو، جيڪي پروگرام پيش ڪرڻ وقت اڻ پڙهيل هاري کي معلومات مهيا ڪرڻ جو ته ڪوبه خيال ڪونه ٿا رکن. هنن کي ته اڻ پڙهيل هارين جي اڳيان صرف اهو ثابت ڪرڻو آهي ته پروگرام پيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ وارو صاحب برابر بي. اي. پاس ڪيل آهي، ۽ اهڙو قابل آهي جو سندن زبان ئي سمجهڻ مشڪل آهي. ڳوٺائي ڪچهري ڪي بنا ڪنهن سبب جي جمهوري بنائي ان تي نالو رکيو ويو "جمهور جو آواز". آءٌ اوهان صاحبن کي عرض ڪندس ته اڄ ئي هيتي ڀٽائي گهوٽ عليه رحمة جي عرس تي جيڪي هزارها ڳوٺاڻا ۽ هاري آيل آهن، انهن مان هرهڪ ماڻهو کان وڃي پڇيو ته 'جمهور' جي معنيٰ ڇا آهي؟ جيڪڏهن هڪڙو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻو يا هاري اوهان کي 'جمهور' جي صحيح معنيٰ ٻڌائي وڃي ته مونکي موت جي سزا قبول آهي.

انهي مختصر تمهيد بيان ڪرڻ مان منهنجو مقصد اهو آهي ته هڙيون ڪچهريون، جتي سنڌ جي چوٽي جا اديب اچيو ٿا گڏ ٿين، اتي امان کي انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪرڻ گهرجي ته آيا اسين شاه عبداللطيف رحه ڀٽائي گهوٽ جي سنڌي ٻولي، جيڪا سنڌ جي اسي سيڪڙو هارين ۽ ڳوٺاڻن جي زبان آهي، تنهن کي هڪدم ختم ڪري انهن ماڻهن تي جديد سنڌي زبان زوري مڙهيون؟ يا ڀٽ جي گهوٽ جي سنڌيءَ کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون؟ جيئن لطيف جي هيءَ بي مثال محنت رائيگان نه ٿي وڃي، ۽ هن کان پوءِ جيڪي نسل اچڻ وارا آهن، سي به لطيف جي هن نينهن جي نياپي کي پوريءَ طرح سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري سگهن؛ ۽ ظاهر آهي ته 'ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز' جي هنن ڪوششن، خرچ ۽ سيمينار ڪرائڻ ۽ ثقافتي محفلون هتي درگاه ڀٽ شاه تي ڪرائڻ جو اڪيلو مقصد اهوئي آهي ته لطيف جي پيغام کي زنده رکڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي ۽ انهيءَ پيغام کي فوت ٿيڻ نه ڏجي.

آءٌ به انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي ڀٽائيءَ جي رسالي جي هرهڪ لفظ جي فهرست يعني ته اهو لفظ رسالي ۾ ڪيترا دفعا ۽ ڪهڙن ڪهڙن بيتن ۾ ڪم آيل آهي؛ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي جي مٽي ٻڌايل ٻهريءَ معنيٰ يعني ’ديگڙا، برتن، ٿانو ۽ ڪُنا‘ وغيره جو تجزيو ڪبو ته اها معنيٰ غلط ۽ قياسي ثابت ٿيندي. ڇو جو هڪ ته انهيءَ زماني جي سنڌ ۾ ٽامي، ڪُٽ يا ڪَنجهي جا ٿانوَ صرف اميرن جي گهرن ۾ استعمال ٿيندا هئا. غريب ۽ عام ماڻهو گهڻو ڪري رڌي پڪي ڪرڻ لاءِ ٺڪر جا ٿانوَ ڪم ۾ آڻيندا هئا. هاڻي جي وڻجاري جي زال شاهوڪار هئي ته ان کي اهڙا ٿانوَ گهر ۾ پنهنجا هئڻ گهرجن، پر جي فرض ڪجي ته وڻجاري جي زال غريب هئي، ته پوءِ ان کي ٺڪر جا ٿانوَ ڪنهن ٻئي وٽان اُڌارا وٺڻ جي ڪابه ضرورت نه هئي. ڇو جو ان وقت ۾ عام استعمال جون اهڙيون شيون، جيڪي مقامي ڪاريگر ٺاهيندا هئا، سي روڪڙن پئسن سان نه، پر مٽاسٽا يا آهَت تي ملي سگهنديون هيون. سنڌ ۾ اڄ به اهو رواج آهي ته جڏهن ٻاهراڙيءَ جي ڪنڀار جي آوي لهندي آهي، ته پوءِ هو اهي پڪل ٿانوَ گڏهه تي ڪٽي وڃي پنهنجن آهتين کي ضرورت آهر مفت ۾ ڏيئي ايندو آهي، ۽ ڪنڀار جي اها ڪار سڄو سال مسلسل پئي هلندي آهي. پوءِ جڏهن سنڌس آهتين جو فصل لهندو هو، يا واپاري جڏهن واپار ڪري واپس ايندو هو، تڏهن ڪنڀار ۽ ٻين ڪاسبين کي ڏنل سامان جي اجوري ۾ مقرر ٿيل مقدار ۾ اَنُ يا سندس ضرورت جي ٻي ڪا جنس ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح رڌ پچاءَ جي ٿانون جو مسئلو ڪو مشڪل مسئلو ڪونه هو، ۽ جڏهن به جنهن آهتيءَ کي ڪنهن ٿانوَ جي ضرورت پوندي هئي ته هو بروقت ڳوٺ جي ڪنڀار کان اهو ٿانوَ مفت حاصل ڪري سگهندو هو، تنهنڪري غريبي يا مفلسي جي ڪري رڌڻ پچائڻ جا ٿانوَ ڪنهن ٻئي کان اُڌارا وٺڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. انهيءَ معنيٰ ڪرڻ وارن کي اهو اشتباه شايد ”چاڙهئا“ فعل جي استعمال ٿيڻ جي ڪري ٿيو هجي.

ان لفظ جي ٻي معنيٰ، جيڪا اسان ڪئي ويئي آهي ته

آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن به ماڻهو ڪي، چاهي اهو ڊراڙ ڇوڪرو هجي يا زال زائفان، ان کي صرف اٺين ڪرٽو پونڊو جو انهي هُڙهي تي چڙهي، پٺي ڪپ ڏانهن منهن ڪري، ان پٽل رسي کي ڇڪيندو ويندو ته اها ننڍڙي ٻيڙي ٻنان ڪنهن به تڪليف جي ۽ نهايت آسانيءَ سان وڃي پٺي ڪپ سان لڳندي. انهن ڪاٺين کي ڪوڙي، انهن ۾ رسو ٻڌي ڇڏڻ واري سڄي ڪم کي هڪ ٻئي نالو ڏنو ويندو آهي ”آونگ چاڙهڻ“.

انهيءَ بحث مان اهو به معلوم ٿي ويو ته شاه صاحب بيت جي ٻهريزءَ سٽ ۾ ’چاڙهيا‘ جو جيڪو فعل استعمال ڪيو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح ۽ بيت جي مضمون سان نهڪندڙ آهي. انهيءَ دعويٰ جي دليل ۾ بيت جي ٻي سٽ به پيش ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ شاه صاحب سياري جي موسم جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: ’منهن ڏيئي مون آئيا سمهان سيارا‘. انهيءَ معنيٰ کي هن ڳالهه مان به تقويت ٿي پهچي ته جديد فارسي زبان ۾ به ’آونگ‘ جو لفظ استعمال ٿيندڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پينڊيولم (Pendulum)، يعني هڪ اهڙي تشڪيل شيءِ جنهن کي جيڪڏهن لوڏو ڏيئي ڇڏجي، ته اها ٻن مختلف جاين جي وچ ۾ پٺي ايندي ۽ ويندي.

جيڪڏهن ڪوبه لفظ رسالي ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ٿيو آهي، ته پوءِ ان جي معنيٰ ته خود شاه صاحب کان حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر جيئن ته هي لفظ شاه جي رسالي ۾ صرف هڪڙو دفعو ڪم آيل آهي، تنهنڪري ان جي معنيٰ جي تعين ڪرڻ ۾ روايتن کان به مدد وٺڻ ضروري ٿيندي. تنهنڪري هن باري ۾ جيڪڏهن ڪا روايت ڪنهن معتبر راوي کان معلوم ٿي هجي ته ان کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ان لفظ جي باري ۾ هڪ دفعو استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن سان تبادلہ خيالات ڪري رهيو هوس، ته پاڻ فرمايائون ته ڪين ڪاري جي سفر ۾ هڪ نهايت پيرسن ميربحر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان معلوم ٿيو ته ان وقت ۾ مڇيءَ جي ننڍڙين سڪايل ڪُرڙين کي 'آونـگ' چيو ويندو هو، اِن معنيٰ کي بہ غلط قرار ڏيئي نٿو سگهجي. ڇو جو اِن لفظ 'آونـگ' جو اطلاق 'اُڏارا' سان ڪيو ويو آهي. اهو اڏارڻ وارو مفهوم نظر ۾ رکي جيڪڏهن شاهه صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪبو، ته شاهديءَ ۾ سر گهاتوءَ ۾ هڪ بيت اهڙو ٿو ملي، جيڪو نہ صرف اِن مطلب جي شاهدي ڏي ٿو، پر انهيءَ بيت جو مطلب ۽ مفهوم بہ بلڪل هن بيت سان ملندڙ جلندڙ آهي. اهو بيت هي آهي:

مـون اُڏارئـا مڇڙا، الله گهاتـو آڻ،
ميان مُدارن سين، مونکي قادر وجهہ م ڪاڻ،
هٿ مهنجي هاڻ، قـدر لـڌو جـن ري.

تنهنڪري جي 'آونگ' جي معنيٰ 'ننڍي سڪل مڇي' ونبي ته ان لاءِ بہ 'چاڙهيا' وارو فعل صحيح لڳندو. آخر ۾ آءٌ پنهنجي راءِ پيش ڪندي ايترو چوندس، ته هن بيت جي سياق ۽ سباق تي نظر ڪرڻ سان ۽ لطيف جي شاهدي وٺڻ کان پوءِ اهو يقين ٿي ويو ته 'آونگ' جي هن بيت ۾ معنيٰ ٿيندي 'ننڍي سڪل مڇي'. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ لفظ جي اڳ ۾ ٻڌايل معنيٰ يعني 'پٽڻ وارو رستو' بہ هجي، ڇو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا ساڳئي هڪڙي ئي آچار وارا لفظ موجود آهن، جن جون ساڳئي تلفظ هوندي بہ مختلف معنائون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب نجم عباسي

# سر ساموندي جي بيتن جو سنڌي نثر

## داستان پهريون

١

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ ڏسي ويھ، نہ تہ ونجارو توکي اڪيلو ڇڏي ٻيڙي هاڪاري هليو ويندو. ۽ پوءِ تون ڪُٽين ۾ پئي ڳرنديءَ.

٢

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): ڏکي سڪي ٻہ ٻيڙيءَ وٽ ويٺي رھ، متان ائين نہ ٿئي تہ ونجارو، جنهن تنهنجي اندر ۾ پيار جي چڻنگ دُکائي آهي، سو توکي هيڪلو ڇڏي ٻيڙي هاڪاري هليو وڃي.

٣

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): جي تون اڳواٽ ٻيڙيءَ وٽ نہ ويٺينءَ ۽ خيال ڪيئي تہ ٻيڙي هاڪارڻ وقت اچي رسنديس، تہ پوءِ تون پهچي ڪونہ سگهندينءَ؛ ڇو تہ تون ايترو تکو هلي ڪونہ سگهندينءَ، ۽ هو تڪڙو تڪڙو ٻيڙي هاڪاري پرڏيھ هليا ويندا. پوءِ تون افسوس چا هٿ مهٽيندينءَ تہ جن جو گهڻو وقت سمنڊ تي سفر ۾ ٿو گذري، آءٌ انهن سان گڏجي ڇو نہ ويس!

٤

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): جيڪڏهن اڇڙو اٿئي تہ لنگر واري رسيءَ ۾ هٿ وجهي چڙهي اچ، نہ تہ ٻيڙي اهڙي تيار بيٺي آهي، جو تنهنجي سنيرڻ جي دير نہ سهي سگهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

لطيف سائين، (وڻجاريءَ کي): انهيءَ ڪان اڳ جو ناڪٺا نوڙيون ويڙهي، لنگر ڪڻي، سمنڊ ڏي روانا ٿين، تون ٻيڙيءَ تي وڃي چڙهه.

٦

لطيف سائين: لنگر ڪڻي ٻيڙيون هليون ويون. وڻجارن ڪان سواءِ بندر ۽ بازاريون ويران ۽ سنسان ٿي لڳيون.

٧

وڻجاري: منهنجو تہ سارو ساهہ انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ اٽڪيل آهي، انهيءَ ۾ ئي تہ منهنجو اهو سهڻو سڄڻ آهي، جنهن جي گڻن منهنجو من قابو ڪري ڇڏيو آهي.

٨

وڻجاري: منهنجي وَهيي آهي ۽ سڄڻ سفر تي آسهيو. مون هنجون هاريون، تڏهن بہ ڪين مڙيو. اي سَکي! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟ وڻجارو تہ منهنجا جوانيءَ جا جذبا ۽ امنگ مون ۾ جاڳائي پاڻ ٻيڙي هاڪاري هليو ويو.

٩

وڻجاري: اي سرتيون! پتڻ تي نہ اهي ٻيڙيون آهن ۽ نہ وڻجارن جي ڳالهائڻ جا اهي آواز. اڄ بہ وڻجاري پرينءَ جا لڳايل وڻ تازا آهن ۽ وڇوڙي هڻي مونکي اڌمئو ڪري وڌو آهي.

١٠

وڻجاري، (وسوسا): ائين تہ نہ آهي تہ هو مون ڪان هميشه لاءِ هليو ويو، ڇو تہ اهڙن سفرن تي ڪيترا حادثن جو شڪار ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪين موٽندا آهن. ويلن لاءِ اهڙي قسم جا ويچار ڪري مان غمن ۾ ئي مري ويندس.

١١

وڻجاري، (وسوسا): متان ائين ٿيو هجي جو هو اونهي سمنڊ ۾ هاڪاريندي، وچ سير ۾ ڦاسي پيا هجن ۽ لهرن جو ٻـَـڪ ٻنجي ويا هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٢

وڻجاري: امڙ! مونکي تہ وهم ٿي پيو آهي تہ جي ساموندي اونهي سمنڊ ۾ وڃن ٿا، سي موٽي ماڳ نٿا پهچن، ڇو تہ هو تيز لهرن ۾ لڙهيو وڃن.

١٣

وڻجاري: منهنجي تہ اهو انديشو هيردو ڪنبائي ٿو ڇڏي، تہ جي اونهي سمنڊ ۾ وڃن ٿا، سي سلامت واپس نٿا ورن. بس، سامونديءَ سان پلئہ اٽڪائي، ڏکن سان ڏينهن ويٺي آهيان.

١٤

وڻجاري: جيڪي اڄ ويا آهن، سي خبر ناهي تہ مون وٽ وري ڪڏهن ايندا؟ حالي تہ پٽي پار، پرينءَ جي ٻيڙيءَ جي جهنڊي پٺي جهولندي هوندي. امڙ! انهن ساموندين سندو غم ڪڏهن مون کي نهوڙي نيندو.

١٥

وڻجاري، (دعا): اي منهنجا خدا! تون سڻائو واءُ وار، جيئن وڻجارا، جن پتڻن تان اُسهيا هئا، تن پتڻن تي وري سک ۽ سلامتيءَ سان اچي پهچن.

١٦

وڻجاري: وڻجارن کي ياد ڪري آءُ پتڻ تي پٽي ڏينهن گذاريان. انهن جي جهوريءَ مونکي جهوري ڇڏيو آهي.

١٧

وڻجاري: امڙ! منهنجي جيءَ ۽ جان ۾ تہ رڳو وڻجاري جي پچار آهي. هن پرڏيهہ وڃي ڏاڍا ڏينهن لاتا آهن.

١٨

وڻجاري: ساموندين سان پلئہ اٽڪائڻ ۾ غم گڏيل آهن. مون ۾ برهہ جي باهہ ٻاري، مون کي جاڳيل جذبن جي تاندن تي ڇڏي، وڻجارو پاڻ ٻيڙي هاڪاري هليو ويو.

١٩

وڻجاري، (خيال ۾، وڻجاري کي): شل اهڙو واءُ ر تو ڪان وسري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ٽانگهه آهي ۽ جي سفر تي هليا ويا آهن، سي ڪڏهن ايندا؟ هو ضرور ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري پرڏيهه ۾ ٽڪي پيا آهن.

٢٦

ونجاري: اي ڪانگ! ٻڌاءِ ته منهنجو پرين مون وٽ ڪڏهن ايندو؟ مون ته هن کي موٽائڻ لاءِ گهڻيئي حيلا بهانا ڪيا آهن.

٢٧

ونجاري: سرَ نسريا آهن ۽ اتر جو واءُ شروع ٿي ويو آهي، هاڻي ته مهنجا پرين تون موٽي اچ! مون تنهنجي واپسيءَ واسطي سوين باسون باسيون آهن.

٢٨

ونجاري: سرَ، لوهيڙا ۽ ڪانهن جا ٻوٽا ٻوڪيا آهن ۽ گوُنچ ۽ گل ڪڍيا اٿن، پر منهنجا سڄڻ! سڌ ناهي ته تو اچا موٽڻ جي چو نه وائي واري؟

٢٩

ونجاري: سکي! جي منهنجو پرين اچي وڃي ته آءٌ جيڪر هن جي سيني سان لڳي راتين جون راتيون سک ۽ پيار جون رهاڻيون ڪندي رهان.

٣٠

ونجاري: سکي! منهنجو ڍولڻ اچي ته آءٌ هن سان جهيڙو ڪنديس ته تون مون وٽ ٿورو وقت گذارين ٿو، ۽ مون کان پري پرڏيهه ۾ وڏيڪ وقت رهين ٿو.

٣١

ونجاري: منهنجو دلدار مون وٽ ڪونهي، ان ڪري اڪيلو سمجهڻ ڪري وڏيڪ سيءُ ٿي محسوس ڪريان. اي امڙ! منهنجا سٽا سور نه جاڳاءِ، نه ته منهنجي روح راڙي ڪري، ٻاڙي وارن کي به منهنجي درد جي به خبر پئجي ويندي.

٣٢

ونجاري: ٻيڙيءَ مان سامان لاهيندي ئي ونجارا واپس ورڻ جون

ڳالهيون ڪن ٿا. اهي ٻڌي منهنجي جند جان غمن ۾ غرق ٿي وڃي ٿي.

٣٣

ونجاري: اي سهيليون! پرين جي ٻچار ڪري، منهنجي تن کي تسلي ڏيو، ان ۾ ئي منهنجو جياپو آهي. منهنجو هينيون جو وڇوڙي ڪري، ڪوٽ جي ڪنگرن وانگر ڍهي پيو آهي، تنهن کي آٿت ڏيئي، سڌير ڪريو.

٣٤

ونجاري: اي منهنجي داڙي! تون وڃ ۽ وڃي پرينءَ جي جاءِ ڳولي لهه ۽ انهن جي چائنٺ چم.

٣٥

ونجاري: آءٌ جن جي آسري ۾ پتڻ تي پيئي گذاريان، سي شال مونکي وساري هاڪاري هليا نه وڃن.

٣٦

ونجاري: اي ملاحو! ڪالهه توهان منهنجي سڄڻ کي ته هتان ڪونه اُڪاريو هو؟ هن جا پار پٽا هي آهن ته هن جي چيلهه سنهي، نڪ سنئون ۽ اکين ۾ سرمون پيل هو.

٣٧

ونجاري: هي منهنجو اهو سڄڻ آهي، جنهن ڏي مون سڪ ۽ سنيهه مان نهاريو هو. جيئن ئي هو ايندو منهنجا سڀ غم ۽ ڏک لهي ويندا.

٣٨

ونجاري: سوداگرن جون جهنڊيون چمڪيون ۽ ڦڙڪيون. آئي امڙ! ونجارا ڏهي نڪي، هار سينگار ڪري اڇي پهتا آهن. ڪالهه ڪان ڪانوَن پڻ انهن جي ٻچار پئي ڪئي.

## داستان ٻيو

١

ونجاري: اڄ ٻه ونجارا وڃڻ جون ٻچارون پيا ڪن. هنن کي ته انئي پهر سفر تي اسهڻ جو اونو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩

وڻجاري: اتر لڳڻ سان اُسهيا ۽ بهار ۾ موٽي ايندا. آءٌ وڻجارن جي واپار ڪي ٻن وجهان. جن جي اڱڻ ۾ پرين ٿا اچن، تن لاءِ چڱي بهار ٿيو وڃي.

١٠

وڻجاري: سرتيون! جيئن ٿي پرينءَ منهنجي پدر ۾ پير پاتو، ته مون لاءِ چڱي سک جو ساگر وري آيو. آءٌ هن تان قيمتيءَ ۾ قيمتي شيءِ قربان ڪري ڏيئي ڇڏيان.

١١

وڻجاري: اتر لڳڻ جي منڊ آئي ته منهنجي ٻُٽي وڃڻ لڳي. نوڙيون وٽيون ٿي ويون ۽ ٻيڙين ڪي تيل جا مَـڪَ پئي ڏنا ويا، يعني سفر جون تياريون پئي ٿيون.

١٢

وڻجاري: آءٌ پنهنجي پرينءَ جي واٽ ويٺي نهاريان. پري ڪان لڏندڙ رسا ۽ ڪليل سڙهه ڏسي اميد پئي جاڳي.

١٣

وڻجاري: سڙهه سڃاڻي چيم ”اما، سامونڊي اچي ويا، شل منهنجو جاني ان جهاز ۾ هجي“.

١٤

لطيف سائين: ناکئن پتڻ تي ويهي سڙهه سبي پختا ڪري، سکان ڪنيا. جڏهن ٻيڙي سمنڊ ۾ اڳيرو هلي ته جهنڊيون کولي ڇڏيائون، جيڪي هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳيون ۽ هو سلامتيءَ سان لهرون لنگهي پار پيا.

١٥

لطيف سائين: جن پتڻن تي سڙهه ٿي سبيائون، اتي سونهن ڪان سمنڊ جون سموريون خبرون چارون پڇي، ناکئن خراب تڙن کان پاسو ڪري وڃي سٺا تڙ ڏوري لڌا.

١٦

لطيف سائين: وڻجارا پرڏيهه ۾ جدا جدا بندرن تي واپار ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي روڪين؟ ٻارهن مهنن کان پوءِ مس مس آيو آهي، تہ وري ٿو سفر آسهڻ جي سنبت ڪري.

۱۴

ونجاري: واپاريءَ سان شادي ڪرڻ کان بهتر هو، تہ آءٌ شادي نہ ڪريان ها. ڏسو تہ ڪيڏي نہ عذاب جي ڳالهہ آهي، تہ اجا اتر جو واءُ مس لڳي ۽ سردي شروع ٿئي، تہ هي سچڻ مون کي اڪيلو ڇڏي سفر تي وڃڻ جون تياريون پيو ڪري.

۱۵

ونجاري (واپاريءَ کي): تو جهڙي واپاريءَ سان تہ مون کي ڪنهن بہ صورت ۾ لائون لهڻ نہ ڪپنديون هيون. تون تہ اهڙو ماڻهو آهين، جنهن کي اڻ ڏٺي پهر پرڏيهہ وڃڻ جي لوري لڳل آهي.

۱٦

ونجاري: سڙهہ کولي، سامونڊي پرڏيهہ هليا، ۽ ڇاڻي واڻي منهنجو جسم آجايل ڇڏي ويا.

۱٧

لطيف سائين: ڏياريءَ جو ڏينهن ٿيو ۽ سامونڊين ٻيڙين جا سڙهہ کوليا. ونجاري ونجهہ کي ڀاڪر وجهو ويٺي روئي ۽ ليلائي.

اي ونجاري! مونکي تہ نظر اچي ٿو، تہ تو کي ونجاري جو غم نهوڙي نيندو.

۱٨

لطيف سائين: ڏياري آئي. سامونڊين سڙهہ کوليا. ونجاريءَ لاءِ اتر لڳڻ جي مند ڇڻ ارچتي اچي پرگهٽ ٿي، ۽ ونجارا پرئين پار وڃڻ جون ڀچارون ڪرڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ساموندي جو تعلق ساموندي واپارين ۽ وڻجارن سان آهي، جنهن هيٺ پيا هيٺيان مضمون سمايل آهن:

* وڻجاري جي گهر واريءَ جي بيحالي: ور کان سندس وڇوڙو ۽ ور لاءِ سندس سِڪ.
* اتر منڊ جو اچڻ ۽ وڻجارن جي ولايت وڃڻ لاءِ سنبت.
* وڻجاري جي پرڏيهه روانگي، سمنڊ جو سفر ۽ سختي: سندن واسطي وريتين جا ورلاپ.
* ولايت مان وڻج ڪري، وڻجارن جو وطن ورڻ.

انهن مکيه مضمونن مطابق سر ساموند ۾ ڪي چڱن داستانن ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. متن جي آخر ۾ ضميمي طور اهي بيت ناڏ ويا آهن، جيڪي غور طلب آهن.

# سر ساموندي

## داستان پهريون

[ ١ ]

پکيڙه پاسي گهارِ، آيل! سامونڊين جي
وڇڻي جي جنجار، جيءَ وڃني اوهري.

[ ٢ ]

پکيڙهه پاسي پيچ، آيل! سامونڊين جي
من ۾ باري مچ، جيءَ وڃني اوهري.

[ ٣ ]

پکيڙه پاسي ويڙه، آيل! سامونڊين جي
تن وسري وک ڪڻي، هو پورينديءَ
پرڏيه
سمنڊ جن ساٿيه، ڪوه نه وڃين تن سين.

[ ٤ ]

اينديون تان آءٌ، هٿي هت پکيڙه ۾
لڳي واءُ سواءِ، سڙه ساڻباهي نه سهي.

[ ٥ ]

وانءُ وڃي وانڍيمِ، هينئڙا ماک پيري جو
ڇميو ڇم چانڍيمِ، هوءِ جا سنڌي سچهين.

[ ٦ ]

وانءُ وهلي نيڪري، ننگر جان نه ڪٽن
مڇن ڏيه وڃن، ناريون پوري ناڪئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٧ ]

نَنگرَ ناتاريون، پنگهه ڪٽي پنڌ ٽيا
بندرَ بازاريون، سڄڻ سامونڊين ري.

[ ٨ ]

ننگرڙو نيٽين، مَنَ اوليي نه اوهري
سڀا جهين سيٽين، پاڻي گڏ پنگهيو هنيون.

[ ٩ ]

سيڻي جوين ڏينهن، سڄڻ سفرَ هليا
روئان رهن نه سپرين، آيل ڪريان ڪيئن
مونکي ڇاڙهي ڇيئن، وڻو وڻجارو اوهري.

[ ١٠ ]

نه سهي تڙ خوراڪ، نه وايون وڻجارن جيون
ستيون سامونڊين جا، آج پڻ چڪيم چاڪ
ماريندهون فراق، پاڙيچيون! پرين جا.

[ ١١ ]

آونهين م اوهري، جڏهن جي ويا
ساندار سمونڊ جي، نهوڙي نيا
وڃي تيت پيا، جت نهايت ناه ڪا.

[ ١٢ ]

آونهين م اوهري، جڏهن ويا جي
موٽي ماڳ نه آئيا، ماءُ! سامونڊي سي
ڪارو تني ڪي، جهڪس وه وري ويو.

[ ١٣ ]

جي آونهين ويا اوهري، الله سي واري
آن آن اماري، تڙ پوڇاري آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٤]

اوڙاهه وڙيا نه وَرِيا، آءُ تَنهِن ماريءَ وِيئَ
ڪَري سامُونڊِيءَ سڀ، جنسي جارُ پِرائيو.

[١٥]

جي اوهَرِ ٿَمِ آجُ، سي ڪَڏِهن ايندا مانءَ ڳَري
پِريانءَ جيءَ هُن پارَ ڏي، وَڃِيءَ ڏَنڌڪِيءَ ڏَڄُ
سامُونڊِيڪو ڏَنجُ، ماءِ! مارِينڊُم ڪَڏِهين.

[١٦]

اهڙِئا جيئائِينءَ، ڏُڪَن تَنِ تَڙائِيهِنءَ
سامُونڊِيَنِ سائِينءَ! واءُ سَمائو وارِيئِينءَ.

[١٧]

سامونڊِرِي سارِي، مَٿي تَڙَ گُذارِيانءَ
مونکي ٿي مارِي، اُنِيءَ سَنڌِي ڳالهڙِيءَ.

[١٨]

سامُونڊرِيءَ سارِي، ماءِ، مُنهِنجو جِنڌَڙو
بَنڌَرِ وَڻِجارِي، وَڃِيءَ لايا ڏِينهڙا.

[١٩]

سامُونڊري سارِي، ماءُ مُنهِنجو جِنڌَڙو
ڪارَڻِ وَڻِجارِي، گهڻو اُڪَنڊِيءَ آهِيان.

[٢٠]

سامُونڊِيِنِ سَعيو، سَدائِينءَ سَفَرَ جو
ڪو ڏِينهُ ڇِتايو، اُونِهي وَڃَنِ اوهَرِئا.

[٢١]

سامُونڊِينِ سَعيو، آئَي ڍَهَرَ عَميقَ جو
تَنِ لالَنَ لَنگهايو، سانڊارو سَمُونڊَرَ جو.

[٢٢]

سامُونڊِينِ جي سُورَ، ڪيمِ جِيءُ جَنڊارَ ٿُونءَ
پُونِ ڏِيهاڙِيءَ پُورَ، وِرِهَه جا وُجُودَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٢٣]

جهڙي وِئا ڀِڄي رِڙين پُور، آهيان گهوريي اُنِ جيئي

سامونڊيڪو سور، ماءُ! ماريندم ڪيڏهين.

[٢٤]

سامونڊيڪو سڱُ، آهي گونڌر گاڏئون

آنگهڻ چاڙهي آڳُ، وِئو وڻجارو اوهري.

[٢٥]

نيهَڙ نيڻهُ سَندوم، جئن مون اُڀي هُنِ ٿيليئو

سَعيو سامونڊرين سين، آڳهن تان نه ڪيئوم

و جهڻ منجهه هئوم، ٻاڻ وراڪي رس سين.

[٢٦]

نيهڙ نيڻهُ سندوم، مون جهليندي نه رهيا

قادر شال ڪندوم، وِيجهي وڻجارن سين.

[٢٧]

ٻيڙي جي ٻوڙن، نيڻهُ نه ڪيجي اُنِ سين

اُيا ڏنڀ ڏسن، جه سڙهه ڏيئي سير تيئا.

[٢٨]

هنيئڙو ٻيڙي جان، ڏُتڙ ٻيي ڏينهڙ تئا

پُڇيئو تان نه پريان، ڪر لاهو ٿيي ڪڏهين.

[٢٩]

مونکي جيارِيو، پِرين جيي ڪا ڳالهه ڪري

ڏنو آج آڌيو، هنيئڙو ڪوٽ بُرج جئن.

[٣٠]

لاهيا جي نه چِتاءِ، اللهُ! اُنِ م وِسران

مَڙِهئو منجهاراءِ، جيِ منهنجو جَنِ سان.

[٣١]

چِتان جي نه چُرن، اللهُ! اُنِ م وِسران

مون مَن آهي تن، مڙهئو منجهارا هنيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي — ١

تَڙَ نيهاريان ۾، مهنجا بَنْدَرِ وِنڙا جي
مانَ سڙهم سڄاڻان سَجڻين

١. اُڀي اوسه پائيان، ڪارڻ وڻجاري
٢. گهڻو اُڪَنْدِي آهيان، پِرِيَ پَنْهِنجي ڪي
٣. وَڻ ٽِڻ پِڇي وانْجِيُون، جَرِ تَڙِ ڏِيا ڏِي
٤. ڪَسْتوري سَمَنْدَ ڪي، آڻيو آڪا ڏِي
٥. آسائِتي آهيان، اَلله ڪانْدُ آڇي

وائي — ٢

آيَلِ! ڪَرِيان ڪيئَن، جيجَلِ! ڪَرِيان ڪيئَن،
منهنجو نيهُن پَليو نَه رَهي

١. سامونڊي جي سَنگ کي، روئان راتو ڏينهَن
٢. مادَرِ! پائي مُنْڊِيُون، وَڃان ساجن سِيئَن
٣. وڙو وڻجارو اوهَري، مونکي چاڙهي چِيئَن
٤. گَوندَرَ مَتّان جِنْدَڙي، وَرِئا وَلِنِ جِيئَن
٥. اُڏوهي جِئَن ڏکڙا، چَڙهئا چوٽي سِيئَن

## داستان پهريون

[ ١ ]

آئي اَنَرَ مُنْدَ، هِينئين اُڌَڪو نَه لَهي
وَڻِنِ لاڇو بَنْدَ، پِيُهَرَ مَڪِيُنِ پَڙِيُونَ.

[ ٢ ]

وَڻجاري ڪانْدَاءُ، مون وَرَ وِيٺي گهارڻو
لَگِي اَنَرَ واءُ، ڏولڻو هلَنَ جون ڪَري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٣ ]

جانَ وَڏِجارو ڪانڊُ، تانَ مون هَڏِ لاتُونَ
لَتَڙِيُونَ
پَرَ ڏيهَ مَٿي سانگَ، آنئي پَهَرَ اَنِ جو.

[ ٤ ]

پَرَ ڏيهَ پُورِيائُونَ، سامُنڊِينِ سِيڙهه سَنباهِيا
مانَ تِه ماريائُونَ، پاڻان وِڄهِيَ گونڊرِينَ.

[ ٥ ]

ڏِنِيَ ڏِياريَ، سامُونڊِيِنِ سِيڙهه سَنباهيا
وِڄهِيو وَرُ وَنڄهه ڪي، روئي وَڏِجاريَ
مارِينڊَمِ ماريَ، پِرِهه سُوَرَ پِرِينِ جا.

[ ٦ ]

ٿِيا ڏِياريَ ڏِينهَن، سامُوندِينِ سَفَرَ جيَ
مُونُ سِرِ اُنا جهِڏِيُونَ! سندا محبت مِينهَن
ڪيمَسِ نِماڻيَ نِينهَن، ڪاريَ ڪپڙاڻِنِ جي.

[ ٧ ]

ڏِنِيَ ڏِياريَ، سامُونڊِيِنِ سِيڙهه سَنباهيا
اَنِ ڪي مُنڊَ اَتَرَ جيَ، اوچِتِيَ آئيَ
وَڏِجارَنِ وائيَ، آهي پَريِنَ پارَ جيَ.

[ ٨ ]

ٿِيَ ڏِياريَ ڏِيٺِ، ڏولڙو هَلَڻَ جي ڪَريِ
مَڪِيُو پَنهِنجيَ مَڪَريَ، چِمِٺي چَنگِيَ
چِمِٺِ
رَٿانَ رَهَنِ نه سُپِرِينَ، جانَ ڪينَ جهَلِيانَ
بِيِٺِ
مُونَ سِينَ ڪَري مِيٺِ، سَچُوَ سَفَرَ هَلِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٩ ]

ڏِنِي ڏِيارِي، سَچَن سَفَرِ هَلِيئا
پايو پانڌُ ڳِچِيءَ ۾، زورِ ڪَرِيانِ زارِي
ڪانُ هَڻِي ڪارِي، وِڌو وَڻجارو اوهِرِي.

[ ١٠ ]

مون آئِي تَڙَ وَتِ، پيرين پَڳَهَ چوڙِئا
ڪا مُونڌِهِين ۾ گهَٽِ، نا تَہ سَچَنَ سَڀاجها گهٽو.

[ ١١ ]

مُون آئِي تَڙَ هيٺِ، پيرين پَڳَهَ چوڙِئا
ڪا مُونڌِهين ۾ ڏيٺِ، نا تَہ سَچَنَ سَڀاجها گهٽو.

[ ١٢ ]

مُون آئِي تَڙَ جهَلِّ، پيرين پَڳَهَ چوڙِئا
ڪا مُونڌِهِين ۾ آلِّ، نا تَہ سَچَنَ سَڀاجها گهٽو.

[ ١٣ ]

مون آئِي تَڙَ پاسِ، پيرين پَڳَهَ چوڙِئا
هو اللهَ هارَ آهَرِئا، آءٌ دَمِ دَمِ دُعا ڪَندِ ياسِ
آهَ نَہ لاهِينڌِ پاسِ، موتِي اينڌا مانَ ڳَرِي.

[ ١٤ ]

ڳِيرِيو جهَلِئو روءِ، مَٿي مُهِري هَٿَڙا
ڪُوءِ سؤدو سَنڌِءِ، جو تون ڍولئا سِکِئو.

[ ١٥ ]

ڳِيرِيي جهَلِئو روءِ، وِيٺِي وَنِي وَنجهَہ
گهورِي ڳَنڍِي ڳُونڌَرِين، هَڏِ نہ وِسائِي هَنجهَہ
ڀَڳِي ڀِهڙ ي مَنجهَہ، آکِيُون تَنهِ آتِيمَ جُون.

[ ١٦ ]

وَرُ وِڌائِين وَنجهَہ ڪِي، آڀِڙَنُ نہ ڏِي

رَهُ اچوڪيُ راتيڙي، لالَنَ! مُون لائي
وَجُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سفر سُپرين!

[١٧]

جَن لَءِ جهيڄن نيهن، تني پَرَڏيهه پُورئو
ڪاري ڪيڙائُن ري ڪارا ٽيئم ڪيئن
ورِ دَ ٽيڙم ويئن، سرتيون ساموندين جا.

[١٨]

جَن لَءِ نيهن جهيڄن، سي آءٌ ڪيٽ نهاريان
آيل! ساريو اُن کي، اڇنگارُون آڇن
تَن ڪاري ڪيڙائن، واحدَ واري آڻيينُ.

[١٩]

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سُپرين
رُئان رهن نه ليڪ سيئن، جهليان جهل
نه ڏين

ورَهَ ويڌ ڪريُن، آيل! ساموندين جا.

[٢٠]

[آيل!] ساموندين جي، آءٌ سُورن سڃهائي
جيڏيون جُدائي، سهان نه سُپرين جي.

[٢١]

تَن جَني جي تانگ، سي سڄڻ سفر هليا
لَئيج لاتِ، لطيفُ چئي، ڪڏهن ايندم،
ڪانگ!

ڪنهن ستائي سانگ، پيرين پَرڏيهي ڪيا.

[٢٢]

تانُ ڪين لئيجُ ڪانگ! ڪڏهن ايندا
مان ڪري

سيڻن ڪارڻ سانگ، مون تان گهڻيئي ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٢٣ ]

جهڪر آچي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون
آيل، ڍولهي ساڻ، هنڌ ڪر لڳي ڳالهيون
ڪريان .

[ ٢٤ ]

جي آچي تہ جهڙيان، آيل! ڍولهي سان
لائيندين ڏينهن گهڻان، مون سين ڪيئين تورڙا .

[ ٢٥ ]

سر، لوهيڙا ڳپيا، ڪسر نيسرئا
تو ڪيئن وسرئا، ڍولئا! ڏينهن اچي جا .

[ ٢٦ ]

سر نيسرئا پاند، اتر لڳا، آءٌ پرين!
مون تو ڪارڻ ڪاند! سهسين سڪائيون
ڪيون .

[ ٢٧ ]

آسان اڏارا، آٿي آونگ چاڙهئا
منهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا
آيرن سيڪارا، پسيو ورن پئن جا .

[ ٢٨ ]

لڪ سنهين، نڪ سئين، ڪجل پينا نيڻ
سامونڊي مون سيڻ، ڪِ تو ڪالهہ لنگهائيا .

[ ٢٩ ]

هي سچ سهڻي، جي مون ڪوڙ نهارئا
ايندم جان پهڻي، تان سڀ لاهيندم ڏڪڙا .

وائي - ١

آئين مونکي زور نہ جهاڻو واري، جيڏيون وو!
آءٌ هلندي هوت ڏي، هاء هاء!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهين وڏا اوهري، تارزون تاري
مري ر هنديس، ماڳهين، سامونڊي ماري
سور تنهنجو سهرين! مون مڱڙ ڪي ماري
هاڻ نه جيان جهڙيون، آءٌ جاڳنديس ڪوهياري

وائي – ٢

ونڊي آءٌ هوتن وٽ، مون وه وڻجارن سين.
پڳهه ڪنءُ م پاتڻي! جاني! مون لاءِ جٽ
وايون وڻجارن جون، اديون! اڄ نه هٽ
ڪٽي سڙهه سڀر ٽڳا، پير نه لايئون پٽ
پوريندي سيد پرين ڏي، ڪانه ڪريندي سگهٽ
ڳر هيان سور سفر جو، هاي پنهنجي هٽ
ساري ساموندين کي، گهٽي پيٽر گهٽ
آيل! وڻجارن جي، سير پڄ ڏينديس سٽ

## داستان ٻيو

[ ١ ]

ڪڏهن ڪالهه ڪٽي، وڏڙن اُتر آسري
الله! جهري م آن جي، اولهي جي آڻي
وڻجارن وڻي، وڪر وڏو ٻيڙين.

[ ٢ ]

ڪڏهن ڪالهه ڪٽي، آن وڏا اُتر آسري
مرڪ محمد چام جي، آن کي وم وڻي
جنهين ڏوڄ ڏٺي، سي پراڙ صبحي
پورينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٣ ]

ڪَرَ قُلَ، قوتا، پارچا، پاٽيمَتَ پاتائُون
ڪونيون قِيمَتَ سَنْدِيُونَ، تَرَ ۾ تاڪيائُون
لاچُنِ مَنْجهِه، لطيفُ چَئي، پيڙا پَدائُون
نَظَرُ نَبِيَّ چامَ جو، چڙهنديءَ چيائُون
ڄاءِ چوهي چوڙيائُون، سي پيڙا رَڪين پاڇهِه سين.

[ ٤ ]

ڪَرَ قُلَ، قوتا، پارچا، اوتيئائُون عَبِيرُ
مَهندَ ٿُون مُهِرِي مُصطفيءِ، اولي ويهُ آميرُ
لَنگهائين، لطيف چئي، سَنْدِي سَمُنْدَ سيرُ
بَرڪَتَ مُحمّدَ ميرُ، جو ڪو ٿئي ۾ جَهاز ڪي.

[ ٥ ]

سيڙهَ سَوانِ، لاچُو نَوانِ، اولا جَنْبِي عاجَ
سانئِي سَفَرِ هَليئا، پَري جِنْگَ جَهاجَ
حاصُلُ ڪَرِيين حاجَ، واحِدَ وَڻجارَنِ جِي.

[ ٦ ]

ڪوها تا ڪَچِنَ، وَرَڪَنِ آييون وانُٽيئُون
سانْباهِي سَمُونْدَر جِي، ڪالَهِئُون پوءِ تا ڪَنَ
ٿُون پَچَنْدِيِنءِ تَنَ، جُهَ ڏِيئِي سيڙهَ
سيڙُ تيئا.

[ ٧ ]

پُران مانَ پَچانَ، بَنْدَرَ مون ڏور ٿئا
نه مُونَ هَڙَ نه هَنج ڪين، چَئِي جو چڙهان
تيهين ڪچ پاتيئي! جِنْهَ پَرِ پيرينءِ ميڙانَ
ڪارُونَ تي ڪَريانَ، تو دَرِ آئِي ناڪَئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٨ ]

كارُون^ جيئَن^ كَجَنِ، تيئَن^ تو آيَلِ
نہ كيون
ٻيهَرَ وَڻجارَنِ، موٽي^ وَرَڻُ نہ ٿيئي!

[ ٩ ]

وِڏڙا كالهہ كَري، ٻارهن^ ماهِ نہ موٽيا
لَڳي^ تَنِ ڳَري، كيهڙيون هَنجهُون^ هاريان^.

[ ١٠ ]

سامونڊينِ سِڙهہ سَنْباهيا، اُتَر واءُ وَريونِ
ٻارَهن^ ماهِ نہ موٽيا، سَمُنْڊِ كاجُ سَريونِ
ٻَرِ ٻَرِ سُورُ سَنْڊُونِ، اڄُ كَنهين^ سين^
اوريان^.

[ ١١ ]

سامونڊينِ سِڙهہ سَنْباهيا، اُتَرَ وَرينِ واءُ
ٻارَهين ماهِ نہ موٽيا، سَمُنْڊَ آيَنِ ساءُ
جهيڪُسِ لَكا كانءُ، اوڏَهين^ آسودا ٿيا.

[ ١٢ ]

سامونڊينِ سِڙهہ سَنْباهيا، وَرين واءُ اُتَرَ
ٻارَهين^ ماهِ نہ موٽيا، ويا پَروكيءَ پَرَ
سُجان^ سامُونڊينِ ري، ٻازارِيون ٻَنْدَرَ
كٿيو سورَ ٿَمَرَ، اڄُ كَنْهين^ سين^ اوريان^.

[ ١٣ ]

اولا كَٿي^ اوءِ، پَکَکَ چوڙي پَنْڌَ ٿئا
آيَلِ! سامونڊينِ جي، آهِ آڙانگي^ جوءِ
كَڏَهين^ ڏِسَنْديَسِ روءِ، وَري^ هينِ
آكينِ سين^.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ١٤ ]

لَڳِيءَ اُتَرَ هِيرَ، سامُونڊِين سِڙهَه سَنباهِيا
نَنگَرَ ڪنڍِيءَ نا ڪِيا، تنا سَٽائِيَ سِيرَ
هونيَڙي نِتَ اُڪِيرَ، ڪاري ڪيڙائِنِ جِيءَ.

[ ١٥ ]

لَڳِيءَ اُتَرَ اوهَرَ ڏِنا، واهُونديءَ وَرَنِ
آءَ گهَٽو ڏِيءَ گهوريان، سودو سامُونڊِينِ
اَڱَڻِ جَنِ آچَنِ، عِيدَ وَرُ تِيئي اُنِ ڪي.

[ ١٦ ]

پَڳَهَ پَنڌَ پَرُوڙِ، آيَلِ سامُونڊِينِءَ جا
سانڍارو سَمُونڊَرِ جو، آهي دُورانءَ دُورِ
ڪي لَنگهيا پهرِينءَ پُورِ، ڪَنيءَ وِيئي وَرُهيِ ڏِيا.

[ ١٧ ]

ڪيڙائُنِ ڪارو، سَنجهي ساڙِئو
آيَلِ! اَمارو، اُتَنِ پَرينءَ پارَ جو.

[ ١٨ ]

ڪاري ڪيڙائُو، مِيئي مُورِ نه مونيا
سؤدو ڪَنِ نه سونَ جو، وَڏا وِهائُو
موتيءَ جي مِهرانَ جا، تَنِ ۾ طامائُو
سامُونڊيءَ سائُو، لَڪا لُوئي آئيا.

[ ١٩ ]

لَڪا لَڪا ڪَنِ، لَهه لَڪا جي اُهِرِ ڏِنا
سَڻيءَ سونُ لڪاءَ جو، سُڪ نه سامُونڊِينِ
پيرَهَ پَڳَهَ ڇوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ
وَڏِي ڀاڳِ پيڙَنِ، جي ڪَهيا ڪارُونڀارَ ڏِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٢٠]

وَڏِجاري وَرِيُ، پيرهَ پَڳَهَ چوڙِئا
اوليُونُ پَسيُ آنِ جون، پِٽَرِمِ ڳَچَ ڳَريُ
وينديَسِ ماءِ! مَريُ، ساري ساموندين کي.

[٢١]

وَڏِجاري واري، پيرهَ پَڳَهَ چوڙِئا
کِٻِڙائُو کاري، سَنِيُوڙا، سَيَدُ چئي.

[٢٢]

وَڏِجاري وائيُ، سَدا آهِ سَفَرَ جيُ
آيَلِ! اِهائيُ، مونکي ماري ڪاهِڙيُ.

[٢٣]

آجُ پُڻ وايُونُ کَنِ، وَڏِجارا وَچَڻَ جُونُ
مُونُ آيِنٖهي هَلِئا، بَنْدَرَ جَنِ تَڙَنِ
سَرَتيُونُ سُورُ سَنْدَنِ، مون مارِينْدو
جِنْدَڙي.

[٢٤]

آجُ پُڻ وايون کَنِ، وَڏِجارا وَچَڻَ جُونُ
هَلَڻِ هارا سُپِريِنُ، رُئانُ تانُ نَه رَهَنِ
آءُ جهَلِينْدِيُ کيتَرو، آيَلِ! ساموندِينِ
پَڳَهَ چوڙِي جَنِ، وِڌا پيڙا پارِ ۾.

[٢٥]

وَڏِجاري کانڌا، ڪُوُرِيُ کانڌُ نه ڪَريِنُ
اُتيو آڏائيا، تو ڳَرِ ڏيندو پانڌِڙِيُ.

[٢٦]

وَڏِجاري جيِ وِيرَ، سَوَ سيِنُ گهوري گهوريانُ
وَکَرُ وِلاتَنِ مان، آئي کندو ڏيرُ
تو جِهِڙِيُونُ تَنهِ وِيرَ، [آتِ] آڏارَڻَ اِينْدِيُونُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٢٧]

وَڄِهِئَي وِسَرِيءَ شالَ! جو تون سؤدو سِيڪئو
آڄان آئين ڪالَ، پَڻِ تو سَفَرِ سَنْڀَهِينءَ.

[٢٨]

وَڻِجارِي جي ماءِ، وَڻِجارو نه پَلِيهين
آيو ٻارهين ماهِ، پَڻِ تو سَفَرِ سَنْڀَهِيو.

[٢٩]

جَرِ تَرُ ڏِٺا ڏِيِي، وَڻِ تِڻِ ٻَڌِي وانْئَتِيُون
اللهَ! ڪانْدَ آچِي، آسائِتِي آهِيان.

[٣٠]

جا جَرِ جاتِرُون نَه مَڻِي، ڏِيئا نه موهِي
سَدُونُ ڪوهُ ڪَرِي، سا پَنْهِنجِي ڪانْدَ جُونِ.

[٣١]

آءٌ جَنِ آسارِي، مَنِي تَتُرَ گُذارِيان
مُونکي وِسارِي، شالَ مَر وَڄَنِ اوهَرِي.

[٣٢]

آهِين آسارِي، مَنِي تَتُرَ گُذارڻِين
تو ڪِينءَ وِسارِي، سَنْگَتَ سامُونْدِيِنِ جِيِءَ.

وائي — ١

آئِين آچِي پَسو، جيڏيون وءِ!

هِيءُ جو وَهُ مُنهِنجِي جِنْدَ تِي
هِيءُ جو حالُ مُنهِنجِي جِنْدَ تِي

١. ٻاڻِي وِنَڙا ٻِهَرَ ۾، مَنْجِهان ڪَرِس ڪسو
٢. ڏِيئِي وِنَڙا ڏاهِ ڪِي، سُورَنِ جو سَرَسو
٣. آئُون ڏورِينْدِيءَ اَنِ ڪِي، ڏِيئِي تَنَ تَسو
٤. ساءَ نه آيا سُورَ جو، هارِيُونِ! تِيون هَسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥. مٿان ويهو ويسريون! رڙهو تانءِ رسو
٦. منڊائي ٻيڻا جيئن، ويرو تار وسو

وائي - ٢

هوءِ جا وڻيا هٿڙي، آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪيءِ

١. وڏائون اُترِ آسري، ڪوها ڪالهه ڪٿي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي
٢. سڙهه ڏيئي سيڙَ تما، چني تندَ تٽي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي
٣. وڙ چاڙهيو ٻيڙيين، وڻجاري وٽي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي
٤. الله ڏيج مَ آنِ جي، اولهي جي آٽي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي
٥. سامونڊيَ جي سنگ جي، هنيين حُبّ گهٽي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي
٦. آنِ سيئن، عبداللطيف چئي، مهڙينڌوم ڏٽي
آءٌ تنهن جڙ جڏي ڪي

## داستان چوٿون

[ ١ ]

لاڄو تا لنوڻِ، آچنِ سڙهه اُپڙ ڏا
ڪارڻ تنِ پيرينِ، وهٽي وات نهاريان.

[ ٢ ]

اُڀيون تڙ پوچِيڻِ، وهون وڻجارنِ جون
آڏيو آڪا ڏينِ، ڪتو ري سمونڊ ڪري.

[ ٣ ]

ٻَنَوِ ٻوء ٻَچارَ، آنءِ ڪي سِڙهَہ وِينْدا ڳَنڍِئا
آڪَنْدَ مُون آپارَ، شالَ مُنهنجا موٽئا.

[ ٤ ]

آڳَٽَ آيا جانءِ، تہ سَرتِيُون مون سُکَ ٿِئا
آمُلَ پيرينءِ مَٽانءِ، ٻَرَڪِئو پِئَنِ ڏِيانءِ.

[ ٥ ]

وِڏو ڪانگُ لَٿيءِ، واڌائي وِصالَ جيءِ
اڄهي سَڄَڻَ آئِيا، وَڏي ٿاهِ ٿِيءِ
وَيَتَ سي وَئيءِ، سِپِرَ سَلامَتَ آئِيا.

[ ٦ ]

آچَنِ اُهيئيءِ، جَنِ لَئِہ ڪانگَ اُڏائِيانءِ
ٻِهَرِياتا ٻِيهڙَ ٻِنِ ۾، ٻِيا پُٺَنِ سَيِئيءِ
سامُونڊِيءُ سِيئيءِ، جَنِ واهَڻَ ڪَٿوريَ واسِيا.

[ ٧ ]

چِمَڪِيُون چَوڌارَ، ڏَچُونءِ ڏاڙيچَنِ جُونءِ
ماء! سامُونڊِيءِ آئِيا، سَهُسَ ڪَرِي سِينگارَ
تَنيءِ جيءِ تَوارَ، ڪالهُونڪَرَ ڪانگَ ڪَري.

[ ٨ ]

سِڙهَہ سَوانءِ، لاڄُو نَوانءِ، مَٿِنِ مُهاڙا مِيرُ
ساٿِيءِ سَفَرِ هَلِئا، ٿِئا سَڻاوا سِيرُ
جي آچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي ٻيڙا رَکين ٻاجهہ سين.

[ ٩ ]

آچَنِ سِڙهَہ اُپَٽِئا، مَٿِنِ مُهاڙا مَلّ
جي آچَنِ آبَ اُڇَلَ، سي ٻيڙا رَکينءِ ٻاجهہ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ١٠ ]

آچَنِ سيڙهَه اَپَڙِدا، مَٽِن مُهاڙا مِيرَ
جي سَرَنِ تَنهنجي سيِرَ، سي پارِ لَنگهايئين
پَهيرَا.

[ ١١ ]

سيڙهَه تي سيپائُون، بَنْدَرَ جَنِ تَرَّنِ تي
سَرتيُون سامُونڊين جُون، ڏَکيُون ڏَچائُون
آيَل! تَنِ آڏُون، موتيئو ڪيِنَ وِسَهان.

[ ١٢ ]

سيڙهَه تي سيپائُون، بَنْدَرَ جَنِ تَرَّنِ تي
ڪُوها سيڙهَه اوليُون، قَليِيُون ڪَپائُون
پَنيُون مَدائُون، ڪَنْدَ کَپڙائُو آئيا.

[ ١٣ ]

سيڙهَه تي سيپائُون، بَنْدَرَ جَنِ تَرَّنِ تي
سيڙهَه سيِي ساچا ڪَرِي، ڪُوها ڪَنيائون
بَيِرَقُون بَحرَنِ ۾، چوڙي ڇَڏيائون
لَهيريُون لَنگهيائون، لُطفَ ساڻ لطيفُ چئي.

[ ١٤ ]

سيڙهَه تي سيپائُون، بَنْدَرَ جَنِ تَرَّنِ تي
مَلا مُعَلِمَ خَبَرُون، پُڇِي پُوريائُون
سَتَرُ سُونَٽائُون، آوَتَرِ ڪنه نه اوليا.

[ ١٥ ]

اوريان تي آئينِ، ميڙِئو مُعلِمَ خَبَرُون
سا تانَ سُدِ نه ڏِينِ، جيتي وَهَه وِيدَ ڪَرِي.

[ ١٦ ]

هَڙَ ۾ ڪينَ هُئونِ، هُونْهين هَنِ نه چاڙِهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترسندي تڙن تي، لهي سج وڏون
جنهن سائين سبب ڪيئون، سڀ تڙ ٿيا
سيد چئي.

[١٧]

بندر بارو بار، مل نه مليباريين
فقيراڻي پار، امل ڏين آتوريا.

[١٨]

سفر سڪيرون، هون سلامت سپيرين
چڙهيا جو چت ڪري، پنو سو ڪاچون
تيئان م پاڳون، جيئان مون ڏٺي هليا.

[١٩]

وڏو ڀاڳ سندون، جن مڪو پهتي موٽيا
وڃي سو ڏٺون، روضو پاڪ رسول جو.

[٢٠]

اڄن سيڙهه اپڙيا، متين ڪپڙ ڪوٽ
سامونڊي مون گهوٽ، سڀ سلامت آئيا.

[٢١]

سيڙهه سڄاڻيو چوءِ، ماءُ! سامونڊي آئيا
مان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾.

[٢٢]

وانڍيئون تيئون وڪن، آچان سيڙهه
نه پڌرا
آئيئون سي مرڪن، جني سندا آئيا.

[٢٣]

ڪوهن سر وانڍيئون، وانڍيين سر گهندا
ڪهڙي ڪندا، ماءُ سامونڊي آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٢٤]

ماءِ وِلاتيءَ موٽيا، تڙ ٿا تَوارِيُنِ
وايُون وَڌِجارَنِ جُون، جي کي جِيارِيُنِ
کيليو ڪيڪارِيُنِ، سيئي سَلامَتَ آئيا.

[٢٥]

تَڙ ڀِنَ تَوارِيُنِ، ماءُ سامُونڊِي آئيا
مَٿي کَي جِيارِيُنِ، وايُون وَڌِجارَنِ جُون.

[٢٦]

جَنِي ڪارَڻِ مُون، تَڙ پُونجارا پُڇيا
پُنِيمَ اُميدُون، سيئي سَچَوَ آئيا.

وائي – ١

سِڙهَ سَجاڳُو ڇوءِ، ماءُ سامونڊي آئيا

١. بَرڪَتَ مُحمّد ميرَ جي، آڳَرِ آيو سو
٢. سِڪَنڊي مون سالَ ٿيا، وَڌِجارو آيو
٣. ماڻهو ڏِيُنِ مُبارَڪُون، اَڄُ پِرِ ڏينهن ٿيو
٤. اَنِ جو عبداللطيف چئي، سَفَرُ سابُ پيو

وائي – ٢

وَڌِجارو آيو، ماءُ مُرادُون پُنِيُون

١. مُعَلِمُ ڪَرِي مُوڙهَنِ جو، هادِيءَ هَلايو
٢. سامُونڊِينِ سَفَرَ جو، سَدائين سَعيو
٣. اُونهِينَ وَچَنِ اوهَرِي، ڪو ڏِيهُ ڇَتايو
٤. اَنِ جو، عبداللطيف چئي، تيو سَفَرُ سَجايو

## ضميمو

(الف) هي بيت آڳاٽن قلمي نسخن ۾ پڻ موجود آهي، مگر مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان انوکو ۽ غور طلب آهي.

سَوداگَرَ سَمُونڊَر جا! لاڇو لالَ وَٺيج.
سِڙهَه سِڀيئي سَقَلاتَ جا، ڪُوها خُوبُ ڪَڻيج.
آچا اولا عاجَ جا، چَڱا چِتائيج،
سَتَ سُڪاڻيون سَنَباهِه تون، چَه چَڇَهريُون آڏيج.
ٻارَهَن، تيرَهَن، پَنڌَرَهَن، سَترَهَن سِڱارِيج.
ساڍيون سَٺِ، سَيَّدُ چَئي، ٻُوريون ٻَڌائيج،
مُلا مُعَلِمَ خَبَرُون، ٻُڌِيُون ٻَرُوڙيج.
وَ سَقَاهُم رَبّهُم شَرَاباً طَهُوراً، ٻاڌِيون پاڪُ پِڙهيج.
جِنهِين ڪي سِڪي سَپُڪو، پِرِين سو پَسيج.
لُڙَ ۾ ڪِيم لَڏيج، تہ سَمَرَ سامُونڊِيون ٿئين

—

(ب) اهي بيت، رسالن ۾ جيڪي موجود پر غير فصيح آهن.

[ ١ ]

ڏولئو وڏڙو ڏُورِ، تهي تَيئُون سيئُون گُذاريون
مادَرِ! مُئُون مَ چُورِ، نا تہ پَڌَرِ پَنڌَ پَسِ،
ٻيري رِيءَ.

[ ٢ ]

تــوڙي تَــوائــي، تَـــوءِ نَنهَڃو آسَرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن وڏيجاري سِين، وڪري، تيئن مُون گهر سرهائي
سڄڻ ڪُرلائي، ڪيرُون ڏينديس جهڏيهين۔

(ج) پٽائي صاحب ڏانهن منسوب بيت ۽ وايون، جيڪي فقط پوئين دور ۾ لکايل رسالن ۾ آهن، مگر آڳاٽن مستند رسالن ۾ ڪين آهن. فصاحت، بلاغت ۽ معاني جي لحاظ سان اهو ڪلام معياري نه آهي.

[ ١ ]

آچن سڙهه اپڙندا، سٽين مٺاڻا موڙ
جانيي اهڙيءَ جوڙ، سيڻ سلامت آئيا.

وائي – ١

سامونڊيءِ سردار، ماءُ ميلندا ڪڏهين
١. سڄڻن تا سيد چئي، بندر بارو بار
٢. ڏورهو چئو تار ۾، آچج تون آڌار
٣. آئي عبداللطيف چئي، لهه تون سيد سار

وائي – ٢

وڏيجاري وار ۾، پورهه پڳه چوڙيا
١. وڏا پيتا پار ۾، ڪيڙائن ڪاري
٢. آسائيتي آهيان، اِيندم اوتاري
٣. آچن سڙهه اپڙيا، لاچيءَ جي لاري
٤. آن ڪي، عبداللطيف چئي، ساهه سدا ساري

(د) ٻين شاعرن جو ڪلام:

تمر فقير (؟)

سعيو سامونڊين، سنجهيئي سان ڪيئو
ڏيئي منهُ ڏڪن، اونهين وٺا عميق ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمر فقير (؟)

آءُ نِهين وِڌا عَميق ڏي، سِڙهَه لاڄُو سوري
وِجهان جِنڊ گهوري، تَن سَرتيُون سامُونڊين تان.

خليفو نبي بخش *

وائي

جَرِ نارِيلَ پيا، ماءُ سَنڀُوڙا سڀرين

١. اللهَ تَنهِنجي آسَري، کُوها جَن کَنيا
٢. پَڳَهَ مَٿي هٿڙا، رُوئندي مون نہ رَهيا
٣. ڪارِيُ ڪارُونڀارَ جِي، ڏَسِجي ڏُور ڏَيا
٤. اَنِ لَئہ، عبداللطيفُ چئي، ڏُورَنَ ڏيهہ ٿيا

* هيءَ وائي ١٢٠٠هہ ڌاري لکيل رسالن ۾ موجود آهي، آڳاٽن مستند رسالن ۾ شامل نہ آهي. خليفي نبي بخش ١٢٩٦هہ ۾ وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# A STUDY OF SUR SAMOONDI

**Proceedings of the Seminar**
**Held on the occasion of the 221th Anniversary**
**Celebrasions, 1973**

Edited by

**Dr. N. A. BALOCH**

**Shah Abdul Latif Bhitshah Cultural Centre Committee**
**Bhitshah, Distt: Hyderabad**

**1974**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1st Edition MARCH 1974 Copies 1000

**Price Rs. 4.00**

*To be had from*:
The Hon: Secretary
S. A. L. Bhitshah Cultural Centre Committee
Bhitshah, Dist: Hyderabad, Sind,
Pakistan.

Printed at Sind Printing Press, Hyderabad Sind,
and Published by A. M. Nizamani, Hon: Secretary,
S. A. L. Bhitshah Cultural Centre Committee, Bhitshah.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# THE IMMORTAL BEAUTY OF LATIF'S

## SEA POETRY

*Prof.* **Md. Akram Ansari**

I

"It was no mean or low-born creature which nature chose when she brought man into the mighty assemblage of life and all the order of the universe, and ordained us to be the spectators of the cosmic show and most eager competitors; from the first she poured into our souls a deathless longing for all that is great and diviner than ourselves." The immortal words of Longinus, the first transcendental critic, uttered about two thousand years ago, remind us of our vital importance in the cosmic scheme, the role we have to play as observers and the keen competition in which we have to participate for dear life, for survival, for advancement. They also reveal to us that the grandeur and nobleness of human soul lies in aspiring after all that is greater and diviner than ourselves. We see, we think, we act, we become: that appears to be the primrose path we have been pursuing to reach a higher end.

Sea appeals to us because it is sublime, because it is vast, because it is limitless, because it is unfathomable, because it is immortal. It also appeals to us on account of its capacity to devour, to hold, to possess and to assimilate. We sometimes feel not only a perfect communion between ourselves and the sea but also an absolute identification. There are waves in the atmosphere in which we breathe, there are waves in the sky we perceive, there are waves in the matter we use. Above



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

all there are waves that rise and fall within us. Is the whole universe not a sea of telepathic communication and inter-relationship?

Before we come to our poet let us quote from some of the British Sea-lovers. Byron addresses the sea thus:

> Thou glorious mirror, where the Almighty's form
> Glasses itself in tempests; in all time,—
> Calm or convulsed, in breeze, or gale or storm
> Icing the pole, or in torrid clime
> Dark-heaving, boundless, endless and sublime,
> The image of eternity, the throne
> Of the Invisible; even from out thy slime
> The monsters of the deep are made, each zone
> Obeys thee; thou goest forth, dread, fathomless, alone.

All the attributes of the sea as a symbol of the Divine Power are brought out with such a vigour that we conceive of it as a Preserver, as a Creator and as a Destroyer, All in One.

Wordsworth in his famous immortality ode emphasizes that it is impossible to forget the sea:

> Hence in a season of calm weather,
> Though inland far we be,
> Our souls have sight of that immortal sea
> Which brought us hither,
> Can in a moment travel thither,
> And see the children sport upon the shore
> And hear the mighty waters rolling evermore.

Only a mystic vision will enable us to conceive how we are brought here by the immortal sea, why we constantly remember the place whence we came hither, how we can, through imagination, travel thither in a moment, why children like to play on the sea-shore and how do we educate ourselves by listening to the mighty waters, rolling evermore.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

In a prophetic vision Shelley had a premonition how his ife would pass away:

My spirits bark is driven
Far from the shore, far from the trembling throng
Whose sails were never to the tempest given;
The massy earth and sphered sky are riven!
I am borne darkly, fearfully afar.

This is indeed the way some travel far from the trembling throng of people busy in their mundane activity, never equipped and experienced to walk on the path; this is exactly how the earth and the sky make way for the chosen few to move in the dear direction of the Divine Beloved.

